Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :12 | اڱارو 14 نومبر 2023 ع بمطابق 29 ربيع الثاني 1445هه | شمارو:34 | قيمت10 روپيا

پ پ عوام کي متحد ڪرڻ ۽ بنا رنگ ۽ نسل جي خدمت جي سياست ڪئي آهي: پ پ چيئرمين

ڪمري ويهي ڪري رزلٽ ڊڪليئر ڪندڙن کي عوام جواب ڏيندو: بلاول ڀٽو زرداري

چونڊن جا نتيجا اڳ ئي ڪمري ۾ ويهي تيار ڪرڻ ۽ پي ٽي آءِ جيان ڪاميابي جا خواب ڏسندڙ "پاڪستان مهانگائي ليگ" کي عوام 8 فيبروري تي شڪست جي صورت ۾ جواب ڏيندو

ڪجهه قوتون اڄ به ملڪ ۾ ورهاست جي سياست چاهين ٿيون ته جيئن عوام پاڻ ۾ متحد نه ٿي سگهي، پ پ ان خلاف جدوجهد ڪري رهي آهي

عوامي حڪومت ٺهندي، اسان اشرافيا کي نه عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ قدم کڻنداسين، حڪومت ۾ اچي بينظير انڪم سپورٽ جيان هاري ڪارڊ به آڻينداسين ته جيئن هارين کي پاڻ ۽ ٻج جي مدد ملي سگهي

اڃا چونڊ شيڊيول جو اعلان ناهي ٿيو پر اڄ عوام جي جوش ۽ جذبي سان ٿرپارڪر جو فيصلو ٿي ويو آهي، 8 فيبروري تي ٿرپارڪر مان تير جي فتح ٿيندي

ٿرپارڪر ۾ ترقياتي ڪم پ پ جي ڪارڪردگي آهي، ڪيراچي پڇا ڪري ته هتي پ پ جي حڪومت ۾ ڪيترو ڪم ٿيو: مٺي ۾ عوامي جلسي سان خطاب

مٺي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته چونڊن جا نتيجا اڳ ئي ڪمري ۾ ويهي تيار ڪرڻ ۽ پي ٽي آءِ جيان ڪاميابي جا خواب ڏسندڙ "پاڪستان مهانگائي ليگ" کي عوام 8 فيبروري تي شڪست جي صورت ۾ جواب ڏيندو. مٺي ۾ عوامي جلسي سان خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪجهه قوتون اڄ به ملڪ ۾ ورهاست جي سياست چاهين ٿيون ته جيئن عوام پاڻ ۾ متحد نه ٿي سگهي، پ پ ان خلاف جدوجهد ڪري رهي آهي، پ پ عوام کي متحد ڪرڻ ۽ بنا رنگ ۽ نسل جي خدمت جي سياست ڪئي آهي. هن چيو ته عوامي حڪومت ٺهندي، اسان اشرافيا کي نه عوام کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مٺي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

خان جي ڪوريج تي
بندش بابت پيمرا جو
حڪمنامو معطل

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڪوريج تي پابندي لڳائڻ وارو پيمرا جو حڪمنامو معطل ڪري ڇڏيو 9مئي جي واقعن کانپوءِ پيمرا پاران پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڪوريج تي پابندي لڳائي وئي هئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محمود اي خان ڪيس جي ٻڌڻي هلائي. درخواست گذار جي وڪيل بيرسٽر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سي سي آءِ جي فيصلي کي عدالت نه پر پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس ئي ڏسي سگهي ٿو : جسٽس جمال مندوخيل

مفادن واري ڪائونسل جي فيصلن تي عدالت نظرثاني نٿي ڪري سگهي: سپريم ڪورٽ

سي سي آءِ پاليسي معاملا طئي ڪندڙ خصوصي آئيني ادارو آهي، پاليسي معاملن ۾ ڪو فرد يا عدالت مداخلت نه ٿا ڪري سگهن : جسٽس اعجازالاحسن

بلوچستان جي وڏي وزير کي سي سي آءِ جي اجلاس ۾ زبردستي ويهاريو ويو، سي سي آءِ جي جوڙجڪ به مڪمل نه هئي : درخواست گذار ۽ وڪيل ڪامران مرتضيٰ

توهان جي وڏي وزير کي سي سي آءِ اجلاس ۾ زبردستي ڪير وٺي ويو؟ (جسٽس جمال مندوخيل) وڏو وزير ته سمهيو پيو هو، کيس جهاز ذريعي اسلام آباد پهچايو ويو : وڪيل ڪامران مرتضيٰ

هاڻوڪي آدمشماري ۾ بلوچستان جي آبادي سوا هڪ ڪروڙ ڄاڻائي وئي آهي، بلوچستان جي اصل آبادي هن وقت 2 ڪروڙ کان وڌيڪ آهي

عدالت اٽارني جنرل، ايڊووڪيٽ جنرل بلوچستان ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي ايندڙ هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ ۾ بلوچستان جي آدمشماري خلاف ڪيس جي ٻڌڻي دوران جسٽس اعجازالاحسن رمارڪس ڏنا آهن ته گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي فيصلن تي ڪا عدالت نظرثاني نه ٿي ڪري سگهي، سي سي آءِ پاليسي معاملا طئي ڪندڙ خصوصي آئيني ادارو آهي، پاليسي معاملن ۾ ڪو فرد يا عدالت مداخلت نه ٿا ڪري سگهن، بلوچستان جي وڏي وزير سميت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن سان مقابلي ۾ ٻه جوان شهيد

ميرعلي ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ 12 ۽ 13 نومبر جي رات فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻن جوان به شهيد ٿي ويا، جن ۾ سپاهي عبدالله ۽ سپاهي محمد سهيل شامل

سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي نڪاڻن جو اثرائتي انداز ۾ پتو لڳايو : آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م ڊ) خيبر پختونخواهه جي ضلعي اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻه سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب مير علي ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ 12 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نواز شريف جو مولانا سان رابطو، اهم معاملي تي اتفاق

ن ليگ قائد نواز شريف مولانا فضل الرحمان کان خيريت دريافت ڪئي : جي يو آءِ ترجمان

پنهنجي اڳواڻن ۾ موجوده ملڪي سياسي صورتحال تي ڳالهيون ٿيون

نواز شريف ۽ مولانا فضل الرحمان گڏيل اتفاق سان گڏجي مسئلن کي حل ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

لاهور (م ڊ) ن ليگ قائد نواز شريف جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو آهي. جي يو آءِ ترجمان موجب ن ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ن ليگ قائد نواز شريف جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان (فائيل فوٽو)

رپئي جي قيمت
۾ گهٽتائي، ڊالر
مهانگو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) انٽربئنڪ ڏي وٺ مارڪيٽ ۾ رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ اڄ 52 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

هميشه گيٽ نمبر 4 جو ساٿ ڏنو، مون کي نظر لڳي وئي آهي: شيخ رشيد

چلي دوران منهنجي خلاف اهڙن شهرن ۾ ڪيس داخل ڪيا ويا جتي مان ڪڏهن ويو ئي نه آهيان

مخالف سياسي مهم هلائيندا رهندا آهن، ڪو به فرق نٿو پوي

شڪست ان کي ملندي آهي جيڪو هار مڃيندو آهي مون کي الله کان مدد جي اميد آهي

راولپنڊي (م ڊ) اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته مون هميشه گيٽ نمبر 4 جو ساٿ ڏنو پر مون کي نظر لڳي وئي، راولپنڊي ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي شيخ رشيد چيو ته چلي دوران منهنجي خلاف اهڙن شهرن ۾ ڪيس داخل ڪيا ويا جتي مان ڪڏهن ويو ئي نه آهيان. چلي جا اثر اڃان به آهن. ختم نه ٿي سگهيا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ شيخ رشيد چيو ته مخالف سياسي مهم هلائيندا رهندا آهن. ڪو به فرق نٿو پوي. شڪست ان کي ملندي آهي جيڪو هار مڃيندو آهي مون کي الله کان مدد جي اميد آهي. هن چيو ته ماڻهو پڇن ٿا ته اوهان سياست ڇو نٿا ڪريو؟ جنهن ڏينهن چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

راولپنڊي: اڳوڻو گهرو وزير شيخ رشيد احمد صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪار حادثي ۾ ڇهه ڄڻن جو موت، گرفتار نندي عمر جي جوابدار وڏو انڪشاف ڪري ڇڏيو

ڊفينس ۾ نندي عمر جي ڊرائيور جي گاڏي جي ٽڪر سان ڪار ۾ سوار 6 ڄڻن جي موت جي واقعي جي جاچ جاري

واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ تيز رفتاري، غفلت، لاپرواهي جا قلم شامل ڪيا ويا

واقعي ۾ گرفتار نندي عمر جي جوابدار عفنان جو پوليس کي ڏنل وڊيو بيان سامهون اچي ويو

لاهور (م ڊ) ڪار حادثي ۾ هڪ ئي خاندان جي ڇهه ڄڻن جي موت جي واقعي ۾ گرفتار نندي عمر جي جوابدار افنان جو اعترافي بيان سامهون اچي ويو. جنهن ۾ هن گاڏي جي اسپيڊ ٿي کان وڌيڪ هجڻ جو انڪشاف ڪيو آهي. لاهور جي علائقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي جو امڪان

پيٽرول ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي اگهن ۾ 16 نومبر کان في ليٽر 8 کان 10 رپيا گهٽتائي جو امڪان

ملڪ ۾ پيٽرول 283.38 رپيا جڏهن ته هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت 303.18 رپيا آهي

اسلام آباد (م ڊ) عالمي منڊي ۾ تيل جي اگهن ۾ نمايان گهٽتائي کانپوءِ پاڪستان ۾ به پيٽرول ۽ ڊيزل سستو ٿيڻ جو امڪان آهي. ميڊيا رپورٽن موجب، عالمي منڊي ۾ تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي سبب پاڪستان ۾ به پيٽرول ۽ هاءِ اسپيڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي ۾ ڦر دوران مزاحمت تي سيڪيورٽي گارڊ قتل، ڦورو 10 لک روپيا ڦري ڪري فرار

سيڪٽر اليون ڊي 5 نمبر فيض عطار مسجد ويجهو نجي بينڪ جي ٻاهران ڦورن جي فائرنگ سبب هڪ سيڪيورٽي گارڊ مارجي ويو

لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪئي وئي، جتي مقتول جي سڃاڻپ 28 ورهين جي عمر زمان ولد سيد وزير جي نالي سان ڪئي وئي

مقتول ڊسٽرڪٽ ويسٽ جي علائقي سائيٽ ايريا جو رهواسي ۽ نجي سيڪيورٽي ڪمپني ۾ بطور گارڊ نوڪري ڪرڻ هو

ڪراچي (رپورٽر) نيو ڪراچي جي علائقي ۾ ڦورن سيڪيورٽي گارڊ کي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو ۽ 10 لک روپين کان وڌيڪ ڦر جي رقم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

محتسب اعليٰ سنڌ اعجاز علي خان
جي حڪم تي فيڪٽري کي رهائشي
علائقي مان منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) محتسب اعليٰ سنڌ اعجاز علي خان پنهنجي حڪمن تي فيڪٽري کي رهائشي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سائفر ڪيس: نگران ڪابينه عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جي جيل ٽرائيل جي منظوري ڏئي ڇڏي

سيڪيورٽي خدشن سبب سائفر ڪيس جي جيل ٽرائيل جو فيصلو ڪيو ويو آهي: سمري جو متن

گهرو وزارت ۽ ڪيس جي ٻڌڻي ڪندڙ جج ابوالحسنات محمد ذوالقرنين جيل ٽرائيل جي سفارش ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) نگران وفاقي ڪابينه جيل ٽرائيل جي لاءِ قانون واري وزارت جي سمري منظور ڪندي سائفر ڪيس ۾ عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جي جيل ٽرائيل جي منظوري ڏئي ڇڏي. سمري موجب سيڪيورٽي خدشن سبب سائفر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

ڪاروباري هفتي جي پهرين ئي ڏينهن سون سوين رپيا مهانگو ٿي ويو

ملڪ ۾ في تولو سون 8 رپيا مهانگو ٿيڻ بعد 2 لک 11 هزار 800 رپين جي ٿي ويو

عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون 2 ڊالر مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 1960 ڊالرز جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊجيولرز ايسوسيئيشن موجب، ملڪ ۾ في تولو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ جي نگران وڏي وزير ڪمند جو اگهه 425 روپيه في مڻ مقرر ڪري ڇڏيو

سنڌ جي نگران وڏي وزير جي صدارت هيٺ زراعت کاتي جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ سنڌ جي نگران وڏي وزير کي زراعت واري سيڪريٽري اعجاز شاهه بريفنگ ڏني

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ڪمند جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 425 روپيه في مڻ مقرر ڪري ڇڏي آهي. سنڌ جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ جي وقتي گورنر آغا سراج دراني سان پولينڊ جي ڪمپني هائپر بڪ جي وفد ملاقات

صحت، تعليم، توانائي ۽ ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن: آغا سراج دراني

زرعي شعبي ۾ تعاون به پنهنجي ملڪن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وقتي گورنر آغا سراج دراني سان پولينڊ جي ڪمپني هائپر بڪ جي وفد گورنرهائوس ۾ ملاقات ڪئي. وفد ۾ چين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نگران صوبائي وزير خدا بخش مري جي پيءُ جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

جنازي نماز ۾ نگران صوبائي گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز ۽ ٻين جي شرڪت

نگران وڏي وزير سنڌ جسٽس (ر) مقبول باقر پاران نگران صوبائي وزير خدا بخش مري سان ڏڻي تي پهچي پيءُ جي وفات تي تعزيت

مليرِ (رپورٽر) نگران صوبائي وزير خدا بخش مري جي پيءُ جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ نگران صوبائي گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

غزا جي مک اسپتال الشفا جي غيرفعال ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

الشفا اسپتال ۽ ان جي ڀرپاسي مسلسل فائرنگ ۽ بمباري جاري آهي: ڊبليو ايڇ او

الشفا اسپتال ۾ اٽڪل ٻه هزار ماڻهو موجود آهن، مريض، طبي عملو ۽ بي گهر ماڻهو شامل

نيويارڪ (م ڊ) صحت واري عالمي اداري (ڊبليو ايڇ او) اسرائيلي بمباري جي نتيجي ۾ غزا جي مک اسپتال الشفا جي غيرفعال ٿيڻ جي تصديق ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جماعت اسلامي پاران سنڌ ۾ چونڊ سرگرمين شروع ڪرڻ جو اعلان

ڪنوينشن جي صدارت مرڪزي امير سراج الحق ڪندو

مرد توڙي عورت صوبائي ۽ قومي اسيمبلي لاءِ نامزد اميدوار شريڪ ٿيندا

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ 28 نومبر تي سکر ۾ انتخابي ڪنوينشن ڪرائي سنڌ ۾ چونڊ سرگرمين شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ۾ فائرنگ سان نعت خوان مارجي ويو

مقتول کي موٽر سائيڪل تي سوار ٻن جوابدارن نشانو بڻايو: ذريعا

مقتول جي سڃاڻپ مولانا رحيم الله جي نالي سان ٿي: ايس ايس پي ويسٽ

ڪراچي (رپورٽر) اورنگي ٽائون ۾ نعت خوان مولانا رحيم الله مارجي ويو مقتول کي موٽر سائيڪل تي سوار ٻن جوابدارن نشانو بڻايو تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي ۾ پرڏيهين خلاف آپريشن تيز: وڌيڪ 300 ڄڻا گرفتار

ايس پي سهراب گوٺ جي سربراهي ۾ ال آصف اسڪوائر ۽ ان جي ڀرواري سرچ آپريشن ڪيو ويو

آپريشن دوران اهڙا ماڻهو جن جا ڪاغذ مڪمل هئا انهن کي آزاد ڪيو ويو

ڪراچي:(م ڊ) ڪراچي ۾ غيرقانوني طور تي رهندڙ پرڏيهين جي خلاف آپريشن ۾ تيزي اچي وئي آهي. آپريشن دوران وڌيڪ 300 ڄڻن کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ هندو برادري پنهنجو ڌرمي ڏڻ ڏياري جوش جذبي سان ملهايو

ملڪ ۽ قوم جي خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ دعائون پڻ گهريون ويون

ڏياري جي حوالي سان 3 ڏينهن تقريبون جاري رهنديون، ٻار ۽ نوجوان ڦٽاڪا پڻ ڦاڙيندا

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ هندو برادري پنهنجو ڌرمي ڏڻ ڏياري وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهي آهي، پاڪستان جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

حيدرآباد: هندو برادري جون نياڻيون ديوال جي موقعي تي ديپ جلائي رهيون آهن

جيلن ۾ قيد دهشتگردن کي ڪنهن جي چوڻ تي ڇڏيو ويو؟: اسحاق ڊار

ٻڌايو وڃي ته ڪنهن چيو هو ڪابل وڃي طالبان حڪومت کي انگيج ڪيو؟

آرمي پبلڪ اسڪول سانحي سڄي قوم کي لوڏي ڇڏيو هو، حملي کانپوءِ سڀني گڏجي نيشنل ايڪشن پلان ٺاهيو

اسلام آباد (م ڊ) سينيٽر اسحاق ڊار چيو آهي سينيٽ کي اعتماد ۾ وٺڻ بنا دهشتگردن کي ڇڏيو ويو، ڪنهن چيو ته جيلن ۾ قيد دهشتگردن کي ڇڏيو وڃي؟سينيٽ ۾ خطاب ڪندي اسحاق ڊار چيو ته گذريل 20 سالن جون حقيقتون سامهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

خان جا گرفتاري وارنٽ جاري، نيب هٿان گرفتار

اسلام آباد جي احتساب عدالت گرفتاري وارنٽس جي تعميل جي منظوري ڏئي ڇڏي

چيئرمين نيب پاران جاري ڪيل وارنٽس جي تعميل لاءِ نيب پاران احتساب عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي وئي

نيب جو ڊپٽي پراسيڪيوٽر جنرل مظفر عباسي، پراسيڪيوٽر ۽ جاچ آفيسر عدالت ۾ پيش ٿيا

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) نيب توشه خاني ۽ القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا.اسلام آباد جي احتساب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان چيئرمين ايڇ اي سي ڊاڪٽر مختار احمد ملاقات ڪري رهيو آهي

ميٽرڪ بورڊ ڪراچي جي
ضمني امتحانن لاءِ فارم جمع
ڪرائڻ جي تاريخ جو اعلان

ڪراچي (م ڊ) ثانوي تعليمي بورڊ ڪراچي 2023 ع جي ضمني امتحانن لاءِ امتحاني فارم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

تعليمي سال 15 اپريل کان شروع ٿيندو، موڪلن وارو شيڊيول برقرار

تعليم واري نگران وزير رعنا حسين جي صدارت هيٺ اسٽيرنگ ڪميٽي جي ماتحت ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

صوبي ۾ اسڪولن جو نئون تعليمي سال پندرهن اپريل ۽ ڪاليجن ۾ نئون سال پهرين آگسٽ کان شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ اسڪولن ۾ نئون تعليمي سال پندرهن اپريل کان شروع ٿيندو جڏهن ته سياري ۽ گرمين جي موڪلن جو پراڻو شيڊيول برقرار رهندو. تعليم کاتي جي ترجمان موجب، تعليم واري نگران وزير رعنا حسين جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

خيبرپختونخواهه جي 9 رڪني نگران ڪابينه حلف کڻي ورتو

حلف برداري جي تقريب گورنر هائوس پشاور ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ نگران وڏو وزير جسٽس(ر) سيد ارشاد حسين شاهه به موجود هو

حلف کڻندڙن ۾ سيد مسعود شاهه، جسٽس(ر) ارشاد قيصر، احمد رسول بنگش، آصف رفيق، ڊاڪٽر نجيب الله ۽ ٻيا شامل

اڳوڻي اطلاعات واري وزير فيروز جمال شاهه حلف نه کنيو جيڪو بعد ۾ حلف کڻندو

خيبرپختونخواهه جي 9 رڪني نگران ڪابينه حلف کڻي رهي آهي

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه ڪابينه ٽئين نگران وڏي وزير کان پوءِ صوبي جي 9 رڪني نگران ڪابينه به حلف کڻي ورتو آهي. گورنر حاجي غلام علي وزيرن کان حلف ورتو ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.رپورٽ موجب حلف برداري جي تقريب گورنر هائوس پشاور ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ نگران وڏو وزير جسٽس(ر) سيد ارشاد حسين شاهه به موجود هو.نگران صوبائي وزيرن جي حيثيت سان حلف کڻندڙن ۾ سيد مسعود شاهه، جسٽس(ر) ارشاد قيصر، احمد رسول بنگش، آصف رفيق، ڊاڪٽر نجيب الله، ڊاڪٽر محمد قاسم جان، انجنيئر عامر نديم دراني، انجنيئر احمد جان ۽ سيد عامر عبدالله شاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پنجاب جي خوراڪ کاتي ڪڻڪ ۽ اٽي جو اگهه مقرر ڪري ڇڏيو

ڏهه ڪلو اٽي جو ايڪس مل ريٽ هڪ هزار 374 رپيا، جڏهن ته 10 ڪلو اٽي جو عام دڪانن تي ريٽ هڪ هزار 399 رپيا مقرر ڪيو ويو

پنجاب جي خوراڪ کاتي جي سيڪريٽري ڪڻڪ ۽ اٽي جي اگهن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

ڪابينه ڪميٽي جي منظوري کانپوءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي خوراڪ کاتي ڪڻڪ ۽ اٽي جو اگهه مقرر ڪري ڇڏيو ڏهه ڪلو اٽي جو ايڪس مل ريٽ هڪ هزار 374 رپيا، جڏهن ته 10 ڪلو اٽي جو عام دڪانن تي ريٽ هڪ هزار 399 رپيا مقرر ڪيو ويو آهي. ڪڻڪ جوفي مڻ ريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي سميت سڄي ملڪ لاءِ بجلي وڌيڪ مهانگي ٿيڻ جو امڪان

ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي جي قيمت ۾ واڌ تقريبن 1.70 رپيا في يونٽ ٿيندي

ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي جي قيمت ۾ واڌ تقريبن 1.70 رپيا في يونٽ ٿيندي

اسلام آباد (م ڊ) ڪراچي سميت سڄي ملڪ لاءِ بجلي وڌيڪ مهانگي ٿيڻ جو امڪان آهي. ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي جي قيمت ۾ واڌ تقريبن 1.70 رپيا في يونٽ ٿيندي. ڪراچي سميت سڄي ملڪ لاءِ بجلي مهانگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڊي سي سائوٿ ڪراچي پاران لياري جي مختلف هنڌن جو اوچتو دورو قيمتن جو جائزو ورتو

ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو بس اسٽينڊ، ايل اي مارڪيٽ ڪير منڊي، مڇي مارڪيٽ ۽ مختلف پسارڪي ۽ سبزي مارڪيٽن جو دورو ڪيو

شهرين کي سهولتن جي فراهمي، قيمتن جي مقرري، غيرقانوني حدخلين ۽ ورثي واري عمارتن بابت اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايتون جاري ڪيون

مختلف دوري دوران دڪاندارن کي فوري طور تي فوٽ پاٿن تي دڪان ۽ اسٽال بند ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

ڊي سي سائوٿ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو دوري دوران ٽريفڪ اهلڪارن سان ڳالهائيندي

ڪراچي (رپورٽر) ڊي سي سائوٿ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو ليارِي جي مختلف هنڌن جو اوچتو دورو ڪري قيمتن جو جائزو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڊبليو ٽي ايم دنيا جو سڀ
کان وڏو ٽريول ٽريڊ ايونٽ
آهي : ارشد ولي محمد

ڪراچي (رپورٽر) سياحت، ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري نگران وزير/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

طيب اردوان اسرائيلي جارحيت روڪرائڻ لاءِ آمريڪا مٿان دٻاءُ وڌڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

جيستائين واشنگٽن اهو نٿو مڃي وٺي ته غزه فلسطين جو حصو آهي تيستائين ڪو به معاهدو نه ٿيندو: طيب اردوان

اسان کي مصر ۽ عرب ملڪن سان به ڳالهيون ڪرڻ گهرجن ۽ آمريڪا تي دٻاءُ وڌڻ گهرجي

انقره (م ڊ) ترڪ صدر رجب طيب اردوان غزه ۾ اسرائيلي جارحيت کي روڪرائڻ جي لاءِ آمريڪا تي دٻاءُ وڌڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. عرب ميڊيا موجب پنهنجي هڪ بيان ۾ طيب اردوان چيو ته جيستائين واشنگٽن اهو نٿو مڃي وٺي ته غزه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪوهستاني زمينن، قديمي قبرستانن، ڳوٺن توڙي مهاڳن تان بااثرن جا قبضا خالي ٿي نه سگهيا

ڳوٺن پرسان بااثر ماڻهن سنڌن زمين تي قبضا ڪري پنهنجا هٿيار بند ماڻهون ويهاري سنڌن رستا بند ڪرائي ڇڏيا آهن : رهواسي

بااثر ماڻهو هاڻي هاشم قبرستان تي قبضي جون ڪوششون ڪري ٽريڪٽر ذريعي پٽا ڏياري چوديواري ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت سنڌن گهيرو تنگ ڪيو پيو وڃي، جيئن مجبور ٿي مقامي ڳوٺاڻا لڏپلاڻ ڪري وڃن

ٺٽو(د) ٺٽي جي ڪوهستاني زمينن، قديمي قبرستانن، ڳوٺن جي زمينن توڙي مهاڳن تان بااثر ماڻهن جا قبضا خالي ٿي نه سگهيا، متاثر ڪوهستان واسي سخت پريشان آهن. ان سلسلي پريوسي جهمپير جي متاثر ڪوهستاني ڳوٺن وڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽو : ڪوهستان واسي قبضا خالي نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

حيسڪو ۽ ضلعي انتظاميا ٺٽو پاران
اڳوڻي ايم پي اي حاجي علي حسن
زرداري کي ٽوپي پهرائي ڇڏي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ)حيسڪو ۽ ضلعي انتظاميا ٺٽو پاران اڳوڻي ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري کي پڻ ٽوپي پهرائي ڇڏي. ڪروڙن جو گهپلو. اڳوڻي ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري ساحلي علائقن ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا پر ڪجھ ترقياتي ڪم اڌورا هيا جنهن کي ڪاغذن ۾ مڪمل ڏيکاري سابق ايم پي اي ۽ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

خانپور مهر پرسان جبري طور رٽائر ڪيل پوليس اهلڪار پريس ڪلب پهتو، احتجاج

ڊيوٽي دوران معذور ٿيڻ بعد مونکي جبري طور تي سال 2010 ۾ رٽائر ڪيو ويو : نيڪ محمد ملڪ

مون کي جبري رٽائرمينٽ جون مراعتون ناهن فراهم ڪيون ويون، نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال)خانپور مهر پرسان جبري طور رٽائر ڪيل پوليس اهلڪار جو پريس ڪلب پهچي احتجاج، جبري رٽائرڊ ڪرڻ تي مڪمل مراعتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو. خبر موجب خانپورمهر لڳ ڳوٺ عطا محمد ملڪ جو رهواسي سب انسپيڪٽر نيڪ محمد ملڪ ولد فيض محمد ملڪ خانپورمهر پريس ڪلب پهچي جيل پوليس جي اعلي عملدارن خلاف احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن کي ٽن مهينن کان پگهار نه ملڻ خلاف مظاهرو

اسان ٽن مهينن کان بکون پيا ڪاٽيون ڊي سي ۽ اي سي رڳو ڪوڙا دلاسا پيا ڏين، احتجاج پگهار ملڻ تائين جاري رهندو : مظاهرين

اسان سياڻي کان وٺي شهر جي صفائي نه ڪنداسين پلي شهر ٻڏي ذميوار آفيسر هوندا، ڪير به اسان جي واهر ڪرڻ وارو ناهي

اي ڊي سي ملازمن کان احتجاج ختم ڪرڻ لاءِ پهتو، ملازمن پاران چيڪ نه ملڻ تائين جاري رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن کي ٽن مهينن کان پگهار نه ملڻ خلاف ميونسپل آفيس کان ڊي سي آفيس تائين عورتن مردن جو احتجاجي مظاهرو ميونسپل ڪميٽي جي ملازمن ڊي آفيس اڳيان 3ڪلاڪن تائين احتجاج جاري رهيو ملازمن ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان ٽن مهينن کان بکرپيا ڪاٽيون ڊي سي ۽ اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهرو فيروز : ڏياري جي خوشي
۾ جي بابا جمناداس اداسين مندر
۾ زبردست آتشبازي ڪئي وئي

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز: ڏياري جي خوشي ۾ جي بابا جمناداس اداسين مندر ۾ زبردست آتشبازي ڪئي وئي، ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ گرو گرنٿ صاحب جي، جي پڙهڻ سان گڏوگڏ پڪتي مجائي مجائي وئي، ان موقعي تي گادي نشين سائين رام داس صاحب چيو ته ڏياري جو تهوار رامچندر جي جنم کان به گهڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: ميونسپل ڪاميٽي جا ملازم پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دولتپور صفن ۾ آءِ بي اي پاس اميدوارن پاران احتجاج جاري، نعريبازي

محمد اڪرم چنا، محسن علي ملاح، ممتاز علي ملاح، اشفاق علي ڏاهري، ساجد آرائين ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اسان 33 کان 39 مارڪون کڻندڙ مسلسل ٻن سالن کان احتجاج ڪري رهيا آهيون پر حق نه پيو ڏنو وڃي : مظاهرين

اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ اسان کي به هڪ سنڌ هڪ پاليسي تحت 33 تي پاس ڪيو وڃي

دولتپور صفن(رپورٽر) آءِ بي اي 2021 جي 33 کان 39 وارن اميدوارن جو سنڌ حڪومت جي ٻٽي پاليسي ۽ پنهنجا نوازي خلاف دولت پور ۾ ٻئي ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي محمد اڪرم چنا، محسن علي ملاح، ممتاز علي ملاح، اشفاق علي ڏاهري، ساجد آرائين ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي گذريل حڪومت استادن جي ڀرتين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دڙو سميت 40 کان مٿي سرڪاري اسڪولن جون عمارتون زبون حال بڻيل

فرنيچر سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ، سردي واري موسم اچڻ بعد تعليمي عمل سخت متاثر

يوسي مراد پور، يوسي اڪبر شاهه ۾ قائم اسڪولي عمارتن جي گذريل ڪيترن سالن کان مرمت ٿي نه سگهي

گرلز هائرسيڪنڊري اسڪول دڙو سميت 40 کان مٿي اسڪولن جون عمارتون زبون حال بڻيل، اختيارين خاموش

دڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو سميت 40 کان مٿي سرڪاري اسڪولن جون عمارتون زبون حال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دڙو پرسان عمارت نه هجڻ سبب
پرائمري اسڪول جهوپڙي
۾ قائم، اختيارين خاموش

دڙو: دڙو پرسان عمارت نه هجڻ سبب پرائمري اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪيترن ئي اسڪولن جي عمارتن جو
مرمتي ڪم اڌ ۾ رهيل آهي : رهواسي

دڙو : هتان جي مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو پرسان هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

ڊاڪٽر شادي خان ڪيڙو، مريضن کي چڪاسيو ۽ انهن کي مفت دوائون ڏنيون

سائي، جهٽڪي، نمونيا، گردن توڙ بخار جا مريض ڪئمپ ۾ علاج حاصل ڪرڻ لاءِ آيا

مفت طبي ڪئمپ دوران ٽوٽل 307 مريضن کي چڪاسيو ويو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) مخدوم بلاول ويلفيئر طرفان ڊي ايچ او دادو جي سهڪار سان ڳوٺ ٻڍو پنهور يوسي رب ۾ هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي، مخدوم بلاول ويلفيئر سالن کان سماجي خدمتون سرانجام ڏئي رهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر ۾ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي پاران پريا ڪماري سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

پيادل مارچ ڪري سکر پريس ڪلب آڏو 24 ڪلاڪ لڳاتار احتجاجي ڪئمپ لڳائي جدوجهد کي جاري رکيو ويو آهي : اڳواڻ

ان اڻٿڪ مستقل جدوجهد کي اڄ 69 ڏينهن گذري چڪا آهن پر حڪومت جي ڪنهن به اداري نوٽيس ناهي ورتو

پريا ڪماري سميت سڀني اغوا ڪيلن کي بازياب ڪرائڻ لاءِ تڪڙا قدم کنيا وڃن جيئن متاثر خاندان جي بي چيني ختم ٿي سگهي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي پاران پريا ڪماري سميت اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان 41 ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري رکي وئي. سول سوسائٽي جي نوجوانن پاران يڪجهتي جو اظهار سپريم ڪورٽ ۽ آرمي چيف کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو احتجاج ۾ شامل ڊاڪٽر نذير ڪوڪر مخدوم بلاول، محمد اعظم منگريو، زاهد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو : ريل گاڏي ۾ واپس چڙهڻ
مهل نوجوان ريل گاڏي مان ڪري
پيو، اسپتال نيئندي فوت

دادو(ن سنڌيار) ڦلجي اسٽيشن جي ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي مسافر ريل گاڏي مان لهي وري ريل گاڏي ۾ واپس چڙهڻ مهل نوجوان ريل گاڏي مان ڪري پيو ۽ سخت زخمي ٿي پيو جيڪو زخمن جا تاب نه سهندي موقعي تي فوت ٿي ويو فوتي جي سڃاڻپ سيتاروڊ واسي 35 سالا شعيب احمد آرائين طور ٿي آهي موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر : پريا ڪماري سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

"اسڪول جي بلڊنگ ڏيو" ڪوٽڏيجي پرسان والدين پاران احتجاجي مظاهرو

1983 ع کان قائم ٿيل گورنمينٽ پرائمري اسڪول پراڻو ڪوٽلو جي اسڪول جي بلڊنگ زبون حال بڻجي چڪي آهي : مظاهرين

اسڪول جي عمارت لاءِ درخواست ڪري چڪا آهيون پر ڪوبه تعليمي آفيسر ۽ سياسي سماجي اڳواڻ نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار نه آهي

معاملي جو نوٽيس وٺي اسان جا جائز مسئلا حل ڪري اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج وڌايو ويندو

ڪوٽڏيجي(رپورٽر) يونين ڪائونسل گونندرڙو جي ڳوٺ پراڻو ڪوٽلو ۾ سال 1983 ع کان قائم ٿيل گورنمينٽ پرائمري اسڪول پراڻو ڪوٽلو جي اسڪول جي بلڊنگ زبون حال ٿي چڪي آهي، اسان جي اسڪول جي بلڊنگ جو تعميراتي ڪم شروع ڪرائي نئين بلڊنگ تعمير ڪرائي ڏني وڃي. ڳوٺاڻن موجب اسان ڪيترن ئي سالن کان ايجوڪيشن کاتي جي ٽي، اي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

پ پ منارٽي ونگ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون : بلاول ڀٽو

هندو برادري جي مسئلن کي به ترجيح بنيادن تي حل ڪيو ويندو : پ پ چيئرمين

اقليتن کي اڪيلو نه ڇڏيو، پيپلزپارٽي سموري سنڌ جي اقليتن جي نمائندگي آواز آهي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ڏياري جي خوشين ڀري رنگن واري تهوار تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران سکر ،سنڌ سميت پوري پاڪستان جي هندو برادري کي مبارڪون ڏيندي چيو آهي ته پ پ پ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر ۾ پاڪستان ورڪرز الائنس جو اجلاس منعقد

هن وقت ملڪ ۾ سرڪاري ملازمن سان زيادتي ٿي رهي آهي : اڳواڻ

سمورن ڪاتن ۾ پورهيتن سان ظلم ۽ زيادتي ۾ اضافو ٿي ويو آهي

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان ورڪرز الائنس جو اجلاس چيئرمين سيد زاهد حسين شاهه جي صدارت هيٺ ميونسپل ڪارپوريشن يونين آفيس ۾ ٿي گذريو. اجلاس ۾ پاڪستان ورڪرز الائنس ۾ شامل مختلف ٽريڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر : اجلاس دوران اڳواڻ ڳالهائي رهيو آهي

ٺٽو پوليس جي ڪارروائي، قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار

پوليس رياض ملاح جي قتل ڪيس ۾ ملوث ٻئي جوبدار سهيل جاکرو کي گرفتار ڪري ورتو

هڪ جوابدار غلام حسين ڪنڀار روپوش، گرفتارين لاءِ پوليس پاران ڇاپن جو سلسلو جاري

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو جي آفتاب احمد نظاماڻي جي سخت هدايتن تي ٺٽو پوليس گذريل 4 ڏينهن اڳ درگاهه سخي شاهه گوهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر سول اسپتال جو قبلو درست ناهي ٿيو : محمد جاويد ميمڻ

اندرون سنڌ جو سڀ کان وڏو صحت جو مرڪز سول اسپتال مسائلستان بڻجي چڪو آهي

سهولتن جي کوٽ سبب انهن جو علاج ٿيڻ بدران انهن جي بيماري ۾ اضافو ٿي ويندو آهي

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ڊيولپمينٽ الائنس جي چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ چيو آهي ته اندرون سنڌ جو سڀ کان وڏو صحت جو مرڪز سول اسپتال مسائلستان بڻجي چڪو آهي. حڪومت جي بار بار جي هدايتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

جهڏو پوليس پاران شراب جي ڀٽن تي ڇاپا، شراب هٿ، جوابدار گرفتار

پوليس نبي سرموڙ تي حيدر ڪوسو ۽ اعجاز ڪوسو جي ڪچي شراب جي ڀٽين تي ڇاپا هنيا

شهر ۾ هر قسم جي منشيات جي خاتمي لاءِ ڪوششون جاري آهن : ايس ايچ او

جهڏو(رپورٽر) ايس ايچ او جهڏو " مقصود احمد چنا " پاران جهڏو پرسان نبي سر موڙ تي حيدر ڪوسو ۽ اعجاز ڪوسو جي ڪچي شراب جي ڀٽين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

جهڏو : پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار بيٺل آهي

نوشهروفيروز ۾ لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن پاران احتجاج جاري

ملازمن جون ٽن مهينن کان پگهارون-پينشن نه ملي سگهيون آهن : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي ملازمن جون جلد کان جلد پگهارون ڪيون وڃن

نوشهرو فيروز(د) آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن رجسٽرڊ سنڌ ضلع نوشهروفيروز جي اڳواڻن ۽ ملازمن پاران پگهارون نه ملڻ خلاف اڄ اٺين ڏينهن ٻي احتجاج. پوري ضلع جي يونين بلديات کاتي جي ملازمن احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي : هندو برادري پاران مذهبي تهوار "ڏياري" جوش و جذبي سان ملهايو ويو

قديمي مندر شري پنج مکي هنومان ۾ پنج هزار ڏيا ٻاري مندر کي روشن ڪيو ويو

هن سال به ڏياري جي تهوار تي مندر ۾ پنج هزار ڏيا ٻاريا ويا آهن : مهاراج شري رام ناٿ

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر پنهوار) هندو برادري پاران پنهنجو مذهبي تهوار " ڏياري " وڏي جوش و جذبي سان ملهايو ويو سنڌ جي راڄڌاني شهر ڪراچي ۾ هندو برادري پنهنجو مذهبي تهوار " ڏياري " قديمي مندر شري پنج مکي هنومان ۾ پنج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

HAPPY DIWALI
ڪراچي : ديوالي جي تقريب دوران ورتل گروپ فوٽو

لاڙڪاڻي ۾ محمد اياز سومرو لائيرس ڪاميٽي جو اجلاس

چونڊن ۾ صوبائي ۽ قومي اسيمبلي تي پارٽي تان بيٺل اميدوارن جي قانوني مدد ڪئي ويندي : اڳواڻ

ڪورٽن ۾ متوقع پٽيشنون داخل ڪرڻ ۽ انهن خلاف غيرقانوني ڪيسن ۾ قانوني مدد ڪئي ويندي

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ محمد اياز سومرو لائيرس ڪاميٽي پاران اڳوڻي ڊي آءِ جي ايڊووڪيٽ محمد رياض سومرو جي صدارت هيٺ اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر محمد رفيق ابڙو، هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو مان 13 سالا نوجوان رمضان ڏاوچ پراسرار طور گم

وارثن پاران اي سيڪشن ٿاڻي تي اهڙي رپورٽ داخل ڪرائي وئي

والد ۽ ٻين رشتيدارن پاران ٻالڪ جي ڳولا ڪئي پئي وڃي : وارث

دادو(ن سنڌيار) دادو شهر جي موتندر ناڪي واري علائقي مان 13 سالا نوجوان رمضان ڏاوچ پٽ پوليس اهلڪار قربان علي ڏاوچ پراسرار طور تي گذريل رات کان گم ٿي ويو آهي وارثن پاران دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي اهڙي رپورٽ داخل ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

بدين : پرائمري درجي جا ڪتاب ٻني جي چنڊڻ مان ملڻ واري خبرن جو نوٽيس

ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ تعلقي شهيد فاضل راهو جي چڪ نمبر 45 پهچي ويو

جيڪي ان اسڪول جي هيڊ ماسٽر فرمان شاهه جي ٻني جي چنڊڻ مان مليا آهن : ڳالهيون

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پرائمري درجي جا ڪتاب ٻني جي چنڊڻ مان ملڻ واري خبرن جو نوٽيس وٺندي منظور علي سومرو ريجنل ڊائريڪٽر بدين صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ تعلقي شهيد فاضل راهو جي چڪ نمبر 45 پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

بدين : ريجنل ڊائريڪٽر ڪتابن واري معامري جي جاچ ڪري رهيو آهي

ٽڪرائو ۾ جهيڙي دوران مبينا تشدد ۽ صدمي ۾ پيرسن عورت فوت، وارثن پاران ڌرڻو

فصل ۾ پاڻي ڇوڙ ڪرڻ واري معاملي تان ٿيل جهيڙي ۾ مبينا تشدد ۽ صدمي ۾ پيرسن عورت هوران مهتم فوت ٿي وئي

وارثن لاش رکي مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

جهيڙي ۾ ٻنهي ڌرين جا مرد توڙي عورتون زخمي ٿي پيا هئا جنهن سبب پيرسن عورت تشدد ۽ صدمي ۾ فوت ٿي آهي : مظاهرين

ٽڪرائو(رپورٽ ڪي بي مهر) ٽڪرائو ۾ جهيڙي دوران مبينا تشدد ۽ صدمي ۾ پيرسن عورت فوت وارثن جو لاش رکي ڌرڻو ٽائرن کي باهيون روڊ بلاڪ ٽريفڪ معطل مبارڪپور پوليس خلاف نعريبازي پوليس جوابدارن خلاف ڪيس داخل نٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽڪرائو : جهيڙي دوران فوت ٿي ويل عورت جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز پرسان رهواسي پپو
ڀٽي پاران پاڻ کي گولي هڻي مبينا
طور آپ گهات ڪرڻ جي ڪوشش

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ حسن ڀٽي جو رهواسي پپو ولد لائق ڀٽي پاران پاڻ کي گولي هڻي مبينا طور آپ گهات ڪرڻ جي ڪوشش، نوجوان کي نازڪ حالت ۾ سنڌس وارثن سول اسپتال نوشهرو فيروز ۾ داخل ڪيو جتان ڪيس نواب شاهه ريفر ڪيو ويو :جڏهن ته رابطو ڪرڻ تي سنڌس مائٽن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين ۾ هٿيار بند شادي واري گهر مان لکين روپيه ڦر ڪري ويا

ڪنوار جو لکين روپين جو ڏيج جي سامان سميت مهمانن کان به لکين روپين جي ڦر

اطلاع تي پوليس پهچي معائنو ڪرڻ بعد رواني ٿي وئي، اين سي داخل ڪري ڇڏي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ نڪاح ڪاٻو ۽ ڪنوار جي رخصتي ڪاٻو ۽ نامعلوم هٿيار بند ڪنوار جي والد جي گهر ۾ گهڙي آيا ۽ گهر ڀاتين سميت شادي تي آيل مهمانن کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪنوار جو لکين روپين جو ڏيج جي سامان سميت مهمانن کان به لکين روپين جي ڦر ڪري ڀڄي ويا ڪنوارتن جو احتجاج خبر موجب بدين شهر جي چانديا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽي ۾ قتل ٿي ويل رياض ملاح جا رهيل قاتل جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مظاهرو

پ پ شهيد ڀٽو ضلعي جي صدر بابو احسان ڀٽو، مقتول جي پيءُ نور محمد ملاح، ڀاءُ اعجاز ملاح جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

رياض ملاح جا رهيل قاتل پوليس اڃا تائين گرفتار ڪري ناهي سگهي، جنهن سبب ڪيترائي خدشا جنم وٺي رهيا آهن : مظاهرين

فورن نوجوان رياض ملاح جا رهيل سمورا جوابدار گرفتار ڪري کين سخت سزائون ڏياري رياض ملاح جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

ٺٽو(د) پ پ شهيد ڀٽو ضلعي ٺٽي طرفان 3 ڏينهن اڳ ٺٽي ۾ بيدردي سان قتل ٿي ويل رياض ملاح جا رهيل قاتل جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ٺٽي ۾ مقتول نوجوان جي وارثن سان گڏ شيخ فريد چوڪ ٺٽو کان ٺٽي شهر جي مين اسٽاپ تائين پ پ پ شهيد ڀٽو ضلعي ٺٽي جي صدر بابو احسان ڀٽو، مقتول جي پيءُ نور محمد ملاح، ڀاءُ اعجاز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو : مقتول نوجوان جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ڊائريڪٽر انفارميشن سکر آفيسرن سان
گڏجي سکر جي مختلف اخبارن جي اسٽالن
جو دورو ڪري سرڪيوليشن بابت ڄاڻ ورتي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ڊائريڪٽر انفارميشن سکر آفيسرن سان گڏجي سکر جي مختلف اخبارن جي اسٽالن جو دورو ڪري سرڪيوليشن بابت ڄاڻ ورتي، سکر ڊويزن جي ڊائريڪٽر جهانگير خان ابڙو انفارميشن آفيسر غلام رضا ڀٽي ۽ انفارميشن آفيسر ڪامران احمد قلبوتو سان گڏجي وکي نيوز پيپر ايجنسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو ۾ مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ جاري

اڳواڻن پاران 284 ڏينهن به سيتاروڊ ريلوي ڦاٽڪ وٽ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

پروفيسر غلام مصطفيٰ سمون، غلام حسين ملڪ، غلام سرور لاڪو، احسان علي سومرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بولان ميل هلڻ بعد به باقي مسافر ريل گاڏين جي بحالي تائين جدوجهد جاري رهندي : مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجٿهار فورم پاران مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي اڄ 294 ڏينهن مڪمل، تحريڪ 9 مهينا 14 ڏينهن جاري ۽ فورم پاران وڃن ڪيو ويو ته اسان جي جدوجهد جي نتيجي ۾ ڪاميابي ملي آهي ۽ وڏيڪ ريلويز اختيارين پاران لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي، ڪراچي ريلوي ٽريڪ تي 25 ڊسمبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

پاڪستان ۾ گستاخانه مجلسن ۽ جلوسن تي پابندي لڳائي وڃي : محمد پريل شاهه بخاري

فلسطيني مسلمانن خلاف جاري جنگ ۾ عام شهرين مٿان بمباري ڪري مسلمانن جي نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي

اسرائيل پاران شهرين مٿان بمباري عالمي دهشتگردي آهي جنهن کي روڪرايو وڃي پر اقوام متحده خاموش آهي

13 محرم الحرام تي توهين رسالت صه ۽ توهين اهلبيت رضه ڪئي وئي جنهن سان مسلمانن جي دل آزاري ٿي آهي

پريالو(رپورٽر) پريالو شني رابطا ڪميٽي ڊويزن سکر پاران مرڪز اهلسنت شمس مسجد فاروق اعظم چوڪ تي تحفظ ناموس رسالت صه، تحفظ ۽ ناموس صحابه رضه ۽ اهلبيت رضي الله عنهم جي تحفظ جي حوالي سان هڪ اهم ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پريالو : عالم ميڙاڪي دوران دعا گهري رهيو آهي

ڪراچي بار ايسوسيئيشن لاءِ
صدارتي اميدوار ايڊووڪيٽ جي ايم
ڪورائيءَ جي مان ۾ لنچ پروگرام

ڪراچي(رپورٽر)انڊس لايرس فرنٽ جي فوڪل پرسن ايڊووڪيٽ امتياز بروهيءَ پاران سٽي ڪورٽ ڪراچيءَ جي ڪنسلٽيشن هال اندر ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي سال 2023 ع لاءِ صدارتي اميدوار ايڊووڪيٽ جي ايم ڪورائيءَ جي مان ۾ لنچ پروگرام رکيو ويو، جنهن ۾ سوين وڪيلن شرڪت ڪئي ۽ وڪيلن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

فقيرآباد : يوسي علي محمد ماڇي جو ڳوٺ حاجي ارباب علي وساڻ بنيادي سهولتن کان محروم

هن سائنسي دور ۾ اسڪول جي عمارت زبون حال ٿي وئي، اسڪول جي چوديواري پاڻي سميت واشروم جي سهولت به ناهي : رهواسي

اسڪول جو هيڊ ماستر رستم علي وساڻ به هن ڳوٺ جو آهي جنهن پنهنجي گهر جي ديوار اسڪول جي حد ۾ ڏئي ڇڏي آهي

معصوم ٻار ڪنگهه، مليريا، بخار، زڪام سميت ڪيترين ئي بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي

فقيرآباد(رپورٽر) يوسي علي محمد ماڇي جو ڳوٺ حاجي ارباب علي وساڻ بنيادي سهولتن کان محروم معصوم ٻارن جو مستقبل دا تي لڳل گورنمينٽ ايليمينٽري پرائمري اسڪول ڳوٺ حاجي ارباب علي وساڻ گذريل ڪيترين سالن کان گان بنيادي سهولتن کان محروم آهي هن سائنسي دور ۾ اسڪول جي عمارت زبون حال ٿي رئي جڏهن ته اسڪول جي چوديواري پاڻي سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غلام الله شهر ۾ پريس ڪلب جي صدر پاران ديوالي جي موقعي تي تقريب

عهديدارن ۽ ميمبرن پاران صدر دولترام ڪوهستاني ۽ آجي ڪمار کي ڏيوالي جون لک لک مبارڪون ڏنيون ويون

روشنين جو تهوار هجي يا خوشين جو لمحو هجي اتي دوستن کي ياد ڪرڻ گهرجي : دولترام ڪوهستاني

ديوالي جي موقعي تي امن ڀائيچاري کي قائم رکيو وڃي هڪٻئي مان نفرتون ختم ڪيون وڃن

غلام الله(رپورٽر) غلام الله شهر ۾ پريس ڪلب غلام الله جي عهديدارن ميمبرن جي مان ۾ پريس ڪلب غلام الله جي صدر دولترام ڪوهستاني پاران ديوالي جي پرمسرت موقعي تي دعوت رکي وئي دعوت جي موقعي تي مٺائي تقسيم ڪئي وئي عهديدارن ۽ ميمبرن پاران صدر دولترام ڪوهستاني ۽ آجي ڪمار کي ڏيوالي جون لک لک مبارڪون ڏنيون ويون صدر دولترام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

پريس ڪلب غلام الله
غلام الله : ديوالي جي موقعي تي ڪرايل گڏجاڻي جو ڏيک

دادو ۾ سولنگي برادري جي معزز
شخصيت علي حسن سولنگي مختصر
عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سولنگي برادري جي معزز شخصيت ۽ ميونسپل ڪاميٽي دادو جو اڳوڻو ڪائونسلر مقامي پ پ پ اڳواڻ علي حسن سولنگي مختصر عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو سندس مڙهه اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو پ پ پ اڳواڻ مرحوم علي حسن سولنگي جو ٽيڏو سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

اليڪشن ڪميشن جيڪڏهن چونڊون ڪرائڻ چاهي ٿي ته اسان ان لاءِ تيار آهيون : صفدر عباسي

نگران وڏي وزير مان اسان مطمئن ناهيون ان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪيس وڏ وزارت رڳو پيپلز پارٽي نه ڏني آهي

نگران حڪومت ۾ پيپلزپارٽي جي اڳواڻن جي ڀائٽن، ڀاٽيجن، چاچن، مامن ۽ ٻين مائٽن کي وزارتون ڏنيون ويون آهن

هڪ ئي جماعت گذريل 15 سالن کان سنڌ تي قابض ٿيل آهي پر هاڻي اسان خاموش نه ويهنداسين

خيرپور(رپورٽر) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري صفدر عباسي، اطلاعات سيڪريٽري سردار عبدالرحيم، سيد اسماعيل شاهه راشدي ۽ ٻين فنڪشنل ليگ هائوس لقمان ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته اليڪشن ڪميشن جيڪڏهن چونڊون ڪرائڻ چاهي ٿي ته اسان ان لاءِ تيار آهيون پر چونڊون صاف ۽ شفاف نموني ٿيڻ گهرجن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

❋❋❋ روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي❋❋ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو 14 نومبر 2023ع

جيئڻ جا گس بند ڪندڙ مهانگائي

هن ملڪ ۾ هن وقت مهانگائي پنهنجي عروج تي آهي. جنهن جي ڪري غريب مسڪين ۽ عام ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻيل آهي. وفاقي شماريات کاتي موجب. عام واهپي جي شين ۾ رڪارڊ اضافو ٿيو آهي. اٽي. گوشت. ٽماٽن ۽ پٽاٽن سميت کاڌ خوراڪ جي 20 شين جي اگهه ۾ واڌ ٿي آهي ۽ اهڙي نموني سان مهانگائي 29.8 سيڪڙي جي شرح تي پهچي وئي آهي. هڪڙي هفتي ۾ اها مهانگائي 0.73 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي آهي. جڏهن ته حڪومت ٽن مهينن ۾ 1450 ارب ڊالر قرض ورتو آهي. قرض 62 هزار ارب کان به وڌي ويو آهي.

مهانگائي مسلسل وڌي رهي آهي. مهانگائيءَ سبب ماڻهن جون زندگيون ۽ جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي. حڪمرانن جو ان ڳالهه سان ڇا وڃي ته ماڻهو مرن ٿا يا جيئن ٿا. اسان جي ملڪ جا "نيرو" رڳو بانسري وڄائڻ ۾ پورا آهن. مهانگائي ان حد تائين وڌي وئي آهي. جو ماڻهن لاءِ جسم ۽ روح جو رشتو برقرار رکڻ مشڪل بڻجي ويو آهي. اها اميد ڪئي پئي وئي ته نگران سيٽ اپ دوران مهانگائيءَ تي ضابطي لاءِ قدم کنيا ويندا. جو نگران چونڊيل عوامي نمائندا ناهن ۽ انهن جون ڪي به سياسي مجبوريون نه آهن پر انهن اميدن جي ابتڙ نگران حڪمرانن جي دور ۾ مهانگائي راڪيٽ رفتار سان وڌي رهي آهي. انهن وٽ به چونڊيل حڪمرانن جيان مهانگائيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪو به ميڪنزم ڪونهي. ماڻهو پنهنجن ٻچن کي جيڪو اڳ ۾ هڪ ويلو مس کارائي سگهندا هئا. اهي هاڻ ان کان به محروم ٿيندا وڃن. وڌندڙ غربت ۽ اٿهوند جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ خودڪشيون تيزيءَ سان وڌي رهيون آهن. زندگيءَ جي اذيت ايتري ته سرس ۽ سوائي ٿي وئي آهي جو ماڻهو موت کي زندگيءَ تي ترجيح ڏيڻ لڳا آهن. اهو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ جي باوجود به حڪمران مهانگائي کي ڪنٽرول ڪرڻ بدران ڏينهون ڏينهن عالمي استحصالي ادارن جي فرمائشن تي ڪڏهن گئس جا اگهه پيا وڌائين ته ڪڏهن بجلي ۽ تيل جي قيمتن ۾ اضافو ڪري رهيا آهن. جنهن سان ماڻهن جي اهنجن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي رهيو آهي. تازو گئس جي قيمتن ۾ 45 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو آهي. جيڪو هلندڙ مهيني جي پهرين تاريخ کان لاڳو ٿي چڪو آهي. بجليءَ جي اگهه ۾ به واڌ ڪئي وئي آهي. حڪمرانن کي سمورو مالي بار عوام تي منتقل ڪرڻ واري ئي واٽ نظر اچي ٿي ۽ اهي سموري ڪوٽ ۽ خسارو عوام مان پورو ڪن ٿا. پر حيرت جي ڳالهه اها آهي ته عوام کي ايترو پيڙڻ ۽ نپوڙڻ باوجود به اها رقم ڪيڏانهن پئي وڃي. ان جي ڪا به خبر ڪانهي ۽ نه ئي وري ان جو ڪو انت ٿيندي نظر اچي ٿو. ڪا به رياست پنهنجي عوام کي پيڙي پنهنجي معيشت نٿي هلائي سگهي ۽ نه ئي وري ڪشڪول جي آڌار تي معيشتون هلي سگهنديون آهن. معيشت هلائڻ لاءِ ته بهتر معاشي پاليسيون ناهي انهن تي عمل ڪرڻو پوندو آهي پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي حڪمرانن جڻ ته انتظامي اختيار به آءِ ايم ايف کي ڏيئي ڇڏيا هجن ۽ اهو ادارو ڏينهون ڏينهن پنهنجون فرمائشون وڌائيندو وڃي. هن ڀيري به اهي خبرون آهن ته آءِ ايم ايف طرفان وڌيڪ سخت شرط رکيا پيا وڃن ۽ اها حالت رهي ته هن ملڪ کي ڏيوالپٽي کان بچائيندي بچائيندي حڪمران عوام کي مسائڻ ۽ مقامن تائين پهچائڻ جو پورو انتظام ڪري وٺندا.

هڪ پاسي ته اسان جا حڪمران قومي خودداريءَ جا بيان ڏيندا رهن ٿا ۽ مختلف وقتن تي خود مختيار رياست وارن پاسٽن کي به فل اسٽاپ نظر ناهي ايندو پر حقيقت اها آهي ته انهن هن ائٽمي سگهه رکندڙ ملڪ کي نه صرف ڪشڪول ڪٽائي ڇڏيو آهي پر عوام کي به جيئڻ جهڙو نه ڇڏيو آهي. اسان هتي اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته هن ملڪ کي وڌيڪ تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي بدران بهتر معاشي پاليسيون جوڙيون وڃن. عوام جي جيئڻ جا گس بند ڪرڻ بدران زندگيءَ لاءِ ضروري اسمن تائين انهن جي رسائيءَ کي آسان بڻايو وڃي. گئس. تيل ۽ بجليءَ جي اگهن ۾ واڌ ڪري مهانگائيءَ کي مهميزون هڻڻ بند ڪيون وڃن. هن ملڪ تي وڌيڪ تجربا ڪرڻ بدران ڏاهپ ۽ تدبر سان اپاءَ ورتا وڃن. چو ته هي ملڪ ڪنهن وڌيڪ تجربي جو متحمل نٿو ٿي سگهي.

ايوبي آمريت جو عظيم ڪميونسٽ شهيد حسن ناصر

طفيل مگسي

اڄ هڪ اهڙي بي مثال ۽ لازوال هستي جي ذڪر ڪرڻ جي جسارت ڪندس يعني ان عظيم انقلابي هستيءَ جو جنهن سماج جو ڦيٿو ڦلائڻ واري محنت ڪش انسانن جي سوڙهين ۽ اونداهين وسندين ۽ ڌرتيءَ جو سينو چيري ڪري اناج اپائڻ وارن هارين جي ڌوڙ اڏائيندڙ ٻهراڙين کان ڏور هڪ سمورين آسائشين سان ٽمٽار محل ۾ اک کولي. هن کي لکين ڪروڙين محنت ڪشن جي پيٽ ۾ زندگيءَ جون سمورين آسائشون ۽ سهوليتون ميسر هيون ۽ جيڪڏهن هو چاهي ها ته زندگي کي انهن خوشين آسائشن ۽ سهوليتن ۾ گهاري ڇڏي ها. مگر هن هڪ ٻيو رستو اختيار ڪيو يعني انقلاب جو رستو هو يعني اهڙو انقلاب جنهن کي مزدور طبقو ئي برپا ڪري ٿي سگهيو هو يعني اهو مزدور راڄ جي قيام. جو رستو هو ۽ هن رستي تي گلن جي سيج. وڇايل نه هئي بلڪ هتي وک وک تي قائم ظالم طبقن ۽ انهن جي پلوڻن جا ڦاسي گهاٽ. ڪال ڪوٺڙيون. انسانيت سوز ٽارچر ڪيمپون ۽ زندان هئا. مگر هن بهادر نوجوان سڄي دنيا جي اڻ ڳڻين عظيم انسانن جيان هرقسم جي محلاتن. تخت وتاج کي ٺوڪر هڻي ڪري انهيءَ رستي جي چونڊ ڪئي. جتي سماج جي ڪرنگهي واري حيثيت رکندڙ يعني محنت ڪش طبقو آزاد ٿي سگهي. مڪر وفريب. ڪوڙ. ظلم وجبر ۽ هڪ انسان جي ٻيئي انسان تي استحصال تي مشتمل اها دنيا جنهن کي سرمائيدار طبقو "رنگ و نور" جي دنيا قرار ڏيئي ٿو هن ان ۾ لڪل اونداهين کي ڄاڻي ورتو هو ان ڪري هو انهيءَ رستي جي خالق مگر اونداهين گهرن جي رهواسين محنت ڪشن جي زندگين ۾ تبديلي جو علمبردار بڻجي ويا. انهيءَ ڏوهه جي پاداش ۾ اڄ کان 57 سال اڳ هن عظيم اڳواڻ جنهن جي عمر 32 سال به نه هئي. اونداهين جي ديوتائن لاهور جي شاهي قلعي ۾ ڦاسي جو تختو تختي ۾ ڏنو ليڪن اها بي ڳالهه آهي ته هو مري نه سگهيو ڇاڪاڻ ته هو سماج جي زندگي جي ضامن مزدور طبقي جو نمائندو هو محنت ڪش طبقي جي هن عظيم شهيد کي اسان ڪامريڊ حسن ناصر جي نالي سان سڃاڻون ٿا. جنهن 2 آگسٽ 1928ع ۾ حيدرآباد دکن ۾ جنم ورتو سندس بابا سيد علمدار مختلف وقتن ۾ حيدرآباد جي مهاراجا پرشاد بهادر ۽ مرزا اسماعيل حيدري ۽ مير لائق علي جو پرائيويٽ سيڪريٽري رهيو هو جڏهن ته سندس امڙ زهره علمدار جو تعلق به حيدرآباد جي هڪ نواب گهراڻي سان هو. وات ۾ سون جو چمچو وٺي ڪري جنم وٺڻ واري حسن ناصر جي پرورش هڪ اهڙي ماحول ۾ ٿي. جنهن جو برصغير جي محنت ڪش عوام جي اڪثريت ڪڏهن تصور به نه ڪيو هوندو ۽ اها طرز زندگي صرف سرمائيدارن. جاگيردارن. نوابن ۽ مهاراجائن جي اقليت سان هئي. ان ماحول ۾ پرورش حاصل ڪندي حسن ناصر شروعاتي تعليم گرامر اسڪول کان ڪئي ۽ بعد ۾ سينيئر ڪيمبرج جو امتحان امتيازي نمبرن سان پاس ڪيو هن جو شمار ذهين ترين شاگردن ۾ ٿيندو هو ۽ پاڻ هڪ سلو مقرر پڻ هو. انٽرميڊيئيٽ هن هندستان جي مشهور درسگاه علي ڳڙهه کان ڪئي ۽ پوءِ بي اي ڪرڻ جي لاءِ حيدرآباد جي نظام ڪاليج ۾ داخل ٿيو ان زماني ۾ هن جو ماسات ڪوڪب دري به هن سان گڏ هو ۽ سندس ٿي عمر جو هو ڪوڪب دري هڪ انقلابي نوجوان هو جيڪو محنت ڪش طبقي جي انقلابي تعليم ۽ نظريي کان چڱي ريت واقف هو انهيءَ ڪوڪب دريءَ سان گڏ رهي ڪري حسن ناصر محنت ڪشن جي نظرياتي علم يعني مارڪس ازم ۽ لينن ازم کان واقف ٿيو هاڻي هو اڳ وارو حسن ناصر نه هو بلڪ هن هندستان جي محنت ڪشن جي انقلابي پارٽي "ڪميونسٽ پارٽي" ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي ۽ سرمائيداري ۽ جاگيرداري نظام جي خاتمي ۽ مزدور راڄ جي قيام جي لاءِ عملي طور تي ڪم جي شروعات ڪئي. 1946ع ۾ صرف 18 سالن جي عمر ۾ هو حيدرآباد اسٽوڊنٽس يونين جو اڳواڻ هو ۽ انهيءَ سال جڏهن برطانوي سرڪار آزادي جي تحريڪ جي عظيم اڳواڻن سڀاش چندر بوس جي "انڊين نيشنل آرمي" جي اڳواڻن تي ڪيسن جي شروعات ڪئي ته حسن ناصر ان جي خلاف حيدرآباد ۾ احتجاجي جلسا. جلوس. ۽ مظاهرا ڪيا. 1946ع جو سال هندستان جي تاريخ جو هڪ انقلابي سال هو ۽ اهوئي ئي اهڙو سال هو ته جنهن جي شروعاتي مهينن ۾ بمبئي جي جهازين پنهنجي مشهور هڙتال جي شروعات ڪئي. جيڪا "جهازين جي بغاوت" جي نالي سان مشهور ٿي هئي ۽ ان جو دائرو سڄي هندستان تي پکڙيل هو. ان بغاوت کي برطانوي سامراج تشدد جي وسيلي دٻايو ۽ بمبئي جا رستا مزدورن ۽ انهن جي اڳواڻن جي رت سان رنگين ٿي ويا. سرمائيدارن وجاگيردارن جي مفادن جي ترجماني ڪرڻ وارين پارٽين "ڪانگريس" ۽ "مسلم ليگ" ان موقعي تي مزدور انقلاب کان خوفزده ٿي ڪري اها هڙتال ختم ڪرائڻ جي لاءِ برطانوي سامراج جي بي انتها مدد ڪئي. ٻيو اهم واقعو پاڻ حيدرآباد جي ڌرتي تلنگانه تحريڪ جو ظهور هو هارين جا انهن ڏينهن تي ٿي نعرا "زمين. آزادي ۽ جمهوريت" ۽ ان تحريڪ هٿياربند رنگ اختيار ڪيو هو اها تحريڪ هندستان جي جي ورهاست ڪانپوءِ ڪافي عرصي تائين جاري رهي. ۽ اهي ئي واقعا حسن ناصر کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ راضي ڪرڻ جا سبب بڻيا. انقلابي سرگرمين جي نتيجي ۾ سرڪار هن جي دشمن ٿي وئي ته هو روپوش ٿي ويو ۽ بعد ۾ حيدرآباد دکن کان بمبئيءَ جي مزدورن ۾ انقلابي ڪم ڪرڻ هليو ويو جتي هن ڪافي عرصي تائين انقلابي فڪرن جي پرچار ڪئي. آگسٽ 1947ع ۾ برطانوي راڄ جي خاتمي ۽ برصغير جي ورهاڱي ڪانپوءِ جڏهن محنت ڪشن جي پارٽي "ڪميونسٽ پارٽي" جي اڳواڻ سجاد ظهير پاڪستان ۾ مزدورن جي جماعت منتقل ڪرڻ جي لاءِ هيڏانهن جو رخ ڪيو ته ان سان گڏ اچڻ وارن نوجوانن ۾ حسن ناصر پڻ شامل هو اهو سيپٽمبر جو مهينو هو پاڪستان اچڻ ڪانپوءِ هن انقلابي نوجوان سنڌ جي شهر ڪراچي ۾ قيام ڪيو هو هتي جنهن انقلابي مقصد جي خاطر آيو هوان جي لاءِ هن انٿڪ محنت ڪئي. هن جو تلنگانه جي انقلابي ڌرتي سان هوجڻ جي بهادر هارين جي تحريڪ هڪ دنيا کي متاثر ڪيو هو جيتوڻيڪ هو سنڌ ۾ هڪ ٻئي تلنگانه کي جنم ڏيڻ جي لاءِ هاري تحريڪ ۾ سرگرم ٿي ويو ان سان گڏوگڏ هن صنعتي مزدورن ۾ پنهنجو ڪم جاري رکيو انقلابي شاگرد اڳواڻ جي حيثيت سان مزدور سياست ۾ قدم رکڻ وارو ڪامريڊ حسن ناصر هاڻي هارين ۽ مزدورن جو اڳواڻ هو هو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر ۽ ڪراچي جو سيڪريٽري هو 1949ع ۾ جڏهن پورٽ ٽرسٽ ۽ ٽراموي جي مزدورن جي هڙتال جي سلسلي ۾ پارٽي اڳواڻ گرفتار ڪيا ويا ته ان موقعي تي حسن ناصر روپوش ٿي ڪري نه صرف سرگرميون جاري رکيون بلڪ پارٽي جون تنظيمي ذميواريون به پوريون ڪندو رهيو 1951ع ۾ محنت ڪشن جي پارٽي جي سرگرمين کان خوفزده ٿي ڪري جاگيردارن .سرمائيدارن ۽ عالمي سامراج جي مفادن جي ترجماني ڪرڻ وارن حڪمرانن جي ايمان تي انقلابين جي خلاف ظلمن جو سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن ۾ ڪافي انقلابين کي "راولپنڊي سازش ڪيس "جي نالي تي جيلن ۾ وڌو ويو جنهن ۾ حسن ناصر به شامل هو ۽ وري ڪان پارٽي جي انقلابي جدوجهد ۾ مصروف ٿي ويو 1951ع ۾ حڪمرانن امريڪي سامراج جي خاطر ٻيا مزدور دشمن قدم. کنيا. انهن ۾ هنن "ڪميونسٽ پارٽي" تي غيرقانوني بندش به هنئي. هڪ ڀيرو وري انقلابين جي خلاف گرفتارين جي شيوعات ٿي ته حسن ناصر کي به گرفتار ڪيو ويو ۽ جنهن کي ڪميونسٽ پارٽي کان لاتعلقي اختيار ڪرڻ جي لاءِ چيو ويو جنهن جو هن صاف انڪار ڪري ڇڏيو نيٺ 13 نومبر 1955ع ۾ حسن ناصر کي پاڪستان کان ٻن سالن تائين جي لاءِ ملڪ بدر ڪيو ويو.

جيڪو عرصو هن حيدرآباد دکن ۾ گهاريو ڪامريڊ حسن ناصر 1957ع ۾ هندستان جي سائين جي منع ڪرڻ جي باوجود واپس پاڪستان اچي ويو ته جيئن محنت ڪشن انقلاب جو ڪم جاري رهي. هتي هڪ ڀيرو وري هن روپوشي جي عالم ۾ سرگرمين جي شروعات ڪئي ۽ اهو سمورو عرصو مزدورن جي وچ ۾ گهاريائين. ان زماني ۾ جڏهن نيشنل عوامي پارٽي جو قيام عمل ۾ آيو ته پارٽي جي فيصلي جي مطابق حسن ناصر ان جو آفيس سيڪريٽري بڻجي ويو. 1858ع ۾ ايوب خان جي مارشل لالڳي ۽ وري هڪ ڀيرو وڏي پيماني تي انقلابين جي خلاف ظلم وستم جو سلسلو شروع ٿي ويو ڪافي انقلابي گرفتار ٿي ويا جڏهن ته ڪافي رووش ٿي ويا. جن ۾ حسن ناصر کي 6 آگسٽ 1960ع ۾ ڪراچي منجهان گرفتار ڪيو ويو ۽ هن کي لاهور جي بدنام زمانه شاهي قلعي ۾ منتقل ڪيو ويو مغل دور ۾ تعمير ٿيڻ وارو شاهي قلعو سدائين کان انقلابين ۽ باغين جو زندان ۽ مقتل رهيو آهي. انهيءَ جاءِ تي انگريزن آزادي جي پروانن کي مسلسل قيد ڪري انهن تي ظلم وستم جا وهاڙ ڪيرايا هئا. مگر اهوئي ئي اهڙو مقام آهي جنهن کان آزادي جا سپوت ۽ انقلابي سرخرو ٿي نڪتا. ڪڏهن پنهنجن ڀيرن تي ته ڪڏهن سوليءَ تي سرفراز ٿيا. انهن ۾ ڀڳت سنگهه کان وٺي ڪري سڀاشچندر بوشجا ساٿي جي پرڪاش نارائن بابا ڪورڪ مک سنگهه ۽ حسن ناصر جهڙا انقلابي شامل آهن جيڪڏهن ورهاڱي ڪانپوءِ انگريزن جي ٽي تربيت يافته ماڻهن ان قلعي کي انهن ئي مقصدن جي لاءِ استعمال ڪيو ته هتي انقلابي روايتن جو تسلسل ڪامريڊ حسن ناصر به پنهنجي آدرش جي لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي ويو ان اذيت خاني ۾ ڪامريڊ حسن ناصر تي بدترين تشدد ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هو 13 نومبر 1960ع ۾ قيد جي دوران شهيد ٿي ويو سرڪار هن جي موت کي خودڪشي نالو ڏيڻ جي شرمناڪ ڪوشش پڻ ڪئي. مگران ۾ ڪيس کي ناڪامي ملي ۽ نامرادي جي علاوه ڪجهه به ڪم نه آيس. هن جي شهادت ڪانپوءِ هن جي امڙ زهره علمدار حيدرآباد دکن کان هن جو لاش وٺڻ جي لاءِ پاڪستان آئي. ان سلسلي ۾ به بي حيائي ڏيکاري وئي ۽ جڏهن هوءَ هتي آئي ته سندس پٽ جي لاش غائب ڪري ڪنهن ٻيئي جو لاش هن جي سامهون رکي ڇڏيو ته جيئن پوسٽ مارٽم جي رپورٽ ۾ سندن ڪوڙ جو پاندو نه کلي وڃي. مگر انهن سامراجي پلوڻن ۽ محنت ڪشن جي دشمن جي ڪوڙ جو پاندو ته هڪ عرصو اڳ ئي وچ چونڪ تي کلي چڪو هو اڄين حسن ناصر جيڪو هن ڌرتي جي مزدورن. هارين ۽ مظلوم انسان جي زندگي ۾ انقلاب برپا ڪرڻ آيو هو ان ڏوهه جي پاداش ۾ سوليءَ جو سينگار بڻجي ويو. بقول چليءَ جي عظيم انقلابي شاعر پابلو نرودا جي لفظن ۾ "مان تنهنجي ڪاري پاڇهري جي ناني جو هڪ ڳپو آهيان. تنهنجي ڳچيءَ جو هڪ هار بڻجي ويو آهيان"

هَڻُ، حبيبَ! هَٿَ ڪٽِي، ٻَنگان لهِي ٻاڻُ؛
ماڳهِين مون مِنهَن ٿِئي، جهوليءَ وِڃهان پاڻُ؛
اِنَ پَرِساجَنَ ساڻُ، مانَ مُقابلو مون ٿِئي.

اسرائيلي ظلم جو شڪار ٿيندڙ فلسطيني

تحرير: عزيزه حنا عباسي

هن وقت دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ظلم سهڻ واري قوم فلسطيني قوم آهي جنهن تي دنيا جو سڀ کان وڏو دهشتگرد ملڪ جيڪو زبردستي سڄي دنيا جو وڏيرو بڻيل آهي .جنهن ۾ به وڏو هٿ اسان جي مسلم ملڪن جو آهي جيڪي ان جي حڪم سواءِ چپ به نٿا چوري سگهن. پار اسرائيل بي انتها ظلم جي بازار گرم ڪريو ويٺو آهي. پر سڄي دنيا جا مسلمان ۽ مسلم اڳواڻ خاموش تماشائي بڻجي ڏسي رهيا آهن.هميشه فلسطينين کي وقت بي وقت تشدد جو نشانو بنائي شهيد ڪندڙن تي جڏهن فلسطين جي مزاحمتي تنظيم. حماس همت ڪري حملو ڪيو آهي ته جڻ ته سڀني جي پڇ تي لت اچي وئي آهي جو واويلا مچي ويئي ته اهو غلط آهي.

باقي پنهنجي ڌرتي تي ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار ٿيندڙ فلسطيني جن تي هر روز جيئڻ حرام ڪري ويٺل دنيا کي امن پسند نظر ٿا اچن. هن تازي صورتحال ۾ به امريڪا پنهنجي لاڏلي اسرائيل جو پورو ساٿ ڏيو بيٺو آهي .سڄي دنيا ۾ اسرائيل خلاف احتجاج ٿي رهيا آهن پر هنن کي ڪا به پروا ناهي.مسلم ملڪن مان صرف ايران ۽ ترڪي عملي طور مددگار ٿي بيٺل آهن باقي ٻين ملڪن جو گهڻو زور بيان بازي تي آهي .۽ اسان جو ملڪ ته هونئن به عام روايتي طور مظاهرو ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪري پنهنجو فرض نڀائي چڪو آهي. جڏهن ته امداد پهچائڻ لاءِ مصر پنهنجو رستو بند ڪري ويٺو آهي.مصر جي سرحد غزا جي ويجهو آهي. پر هو سرحد کولڻ لاءِ تيار ناهي. ڪنهن جي اشاري جو منتظر ٿو لڳي. آقا اجازت ڏيندا ته باردر کوليندو .دنيا جا سڀ مسلمان فلسطين ۾ ٿيندڙ قتل عام ڏسي رهيا آهن .پر امريڪا جيڪو وڏو انساني حقن جو علم بردار بڻجي ٿو. تنهن کي چوڻ لاءِ تيار ناهن ته چو پنهنجا ٻيڙا اسرائيل موڪلي رهيو آهي.سڀ کان وڏو دهشتگرد خود آمريڪا آهي جيڪو پنهنجي مفاد خاطر سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو هن ڪيترن ئي ملڪن کي پنهنجو غلام بنائي ڇڏيو آهي.

جتي به جنهن به ملڪ ۾ سندن مخالفت ٿيندي ان جو انجام لبنان .شام .عراق جهڙو ٿيندو آهي. يهودين ۽ نصرانين جي پاڻ ۾ ٻڌي ڏسي به مسلم ملڪ ڪجهه نٿا ڪن.پاڻ ۾ ٻڌي به نٿا ڪن اڄ جيڪو ڪجهه فلسطين ۾ ٿئي پيو سڀاڻي پاڻ سان به ٿي سگهي ٿو نه اقوام متحده سڄي آهي نه ئي او آءِ سي.ڪجهه ڪري. سواءِ بيان بازي ڪرڻ جي.جيڪا دنيا جا غير مسلم ملڪ به ڪن پيا .ڇا سڀ مسلمان ملڪ گڏجي ڪا پنهنجي فوج نٿا ناهي سگهن .شايد ڪجهه ٽائيم پهرياڻين جنرل راحيل شريف جي سربراهي ۾ ٺهي به رهي هئي ان جو ڪو اتو پتو ڪونهي. اسرائيل جي جنگي جنون چنگيز خان جو وقت ياد ڏياري ڇڏيو آهي. جنهن انساني ڪوپڙين جا محل ٺهرايا هئا.ساڳيو حال هن وقت غزا شهر جي معصوم ٻارن ۽ عورتن مردن سان آهي. غزا جي شهرين جو ڪربلا جيان پاڻي به بند ڪيو ويو آهي

.ڇا اها دهشتگردي ناهي؟ ڇا دنيا انڌي آهي جو پنهنجي حقن ۽ پنهنجي زمين لاءِ سالن کان وڙهندڙ فلسطينين کي ظالم چوندي .غير مسلم ملڪن ۾ به وڏا وڏا مظاهرا هلي رهيا آهن سڄي دنيا جي منع ڪرڻ باوجود به آمريڪا اسرائيل جو جنگي جنون گهٽجي نه سگهيو آهي.عراقي پارليامينٽ غزا ۾ ٿيندڙ ظلم جي جواب ۾ عرب دفاعي معاهدي کي فعال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. عرب دفاعي معاهدو.عرب ڊفينس ٽريٽي جي نالي سان اوڻيهه سئو پنجاهه ۾ قائم ڪيو ويو هو جنهن ۾ ڪنهن به رڪن ملڪ جي خلاف اڳيرائي جي صورت ۾ اجتماعي دفاع کي اڳيان آڻڻ لاءِ ڪيترن عرب ملڪن کي گڏ ڪيو ويو هو.ان جو بنيادي مقصد ٻاهرين طاقتن جي اڳرائين خلاف گڏيل دفاع کي سامهون رکڻ هو.جيڪڏهن ان تي عمل ڪيو وڃي ته هي اجتماعي طور تي ٿيل دفاع هوندو.جيئن نيٽو ٻين ملڪن سان گڏ فوجي تعاون جي پيشڪش ڪري ٿو.جيئن فوجي سازسامان.يا لاجسٽڪ مدد .ان معاهدي کي اڃان تائين ڪنهن وڏي مقصد لاءِ استعمال نه ڪيو ويو آهي.هڪ طرح سان اهو هڪ بهترين عمل آهي ته گڏيل طور تي مسلم ملڪن سان ٿيندڙ ڏاڍ ۽ جبر کي منهن ڏيئي سگهجي. هن وقت ان معاهدي جي اهميت تمام گهڻي وڌندي محسوس پئي ٿئي .چو ته جيڪڏهن گڏيل مزاحمت ٿيندي ته ان جو اثر به لاپاٽو نڪرندو.فلسطينين کي هن وقت مدد جي سخت ضرورت آهي. مسلم ملڪن کي گڏجي ڪو ٺڪرو قدم ضرور کڻڻ گهرجي.ته جيئن انهن جون زندگيون بچائي سگهجن.۽ ڪو گڏيل مضبوط پليٽفارم ضرور جوڙڻ گهرجي.

بقايا *** 01

رليف ڏيڻ لاءِ قدم کڻنداسين. حڪومت ۾ اچي بينظير انڪم سپورٽ جيان هاري ڪارڊ به آڻينداسين ته جيئن هارين کي پاڻ ۽ ٻج جي مدد ملي سگهي. جڏهن ته بيروزگاري جي حوالي سان هڪ ڪارڊ آڻينداسين. سندس چوڻ هو ته اڃا چونڊ شيڊيول جو اعلان ناهي ٿيو پر اڄ عوام جي جوش ۽ جذبي سان ٿرپارڪر جو فيصلو ٿي ويو آهي. 8 فيبروري تي ٿرپارڪر مان تير جي فتح ٿيندي. ٿرپارڪر ۾ ترقياتي ڪم پ پ جي ڪارڪردگي آهي. ڪيراچي پڇا ڪري ته هتي پ پ جي حڪومت ۾ ڪيترو ڪم ٿيو بلاول ڀٽو زرداري دعويٰ ڪئي ته پ پ جو ڪو سياسي مخالف ناهي. ڪا اهڙي جماعت ناهي. جنهن کي مان مخالف مڃي سگهان. منهنجي مخالف بي روزگاري. مهانگائي ۽ غربت آهي. اسان گڏجي مقابلو ڪنداسين ۽ عوام کي ان جو حق ڏينداسين. اڳوڻي ٻرڏيهي وزير چيو ته ڪمرن ۾ ويهي چونڊن جا نتيجا ۽ منصوبا ناهيندڙن کي پ پ 8 فيبروري تي جواب ڏيندي. اسان ڪنهن جي مدد سان نه پر پنهنجي ڪارڪردگي تي چونڊ وڙهنداسين. جيڪڏهن عوام فيصلو حق ۾ ڏنو ته خدمت جاري رکنداسين ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي کي چونڊيو ته به نتيجا قبول ڪنداسين. اسان جا دوست شايد اهو سمجهي رهيا آهن ته اهي پي ٽي آءِ جي نقل ڪري چونڊون وڙهي سگهن ٿا ته ڪين 8 فيبروري تي جواب ڏينداسين ۽ پاڪستان مهانگائي ليگ کي شڪست ڏينداسين.

بقايا *** 02

علي طاهر چيو ته پيمرا چيئرمين اڪيلي سر حڪم جاري ڪيو هو. وڪيل موجب هڪ سياسي جماعت کي نشانو بڻائڻ لاءِ پيمرا بورڊ ۽ ڪائونسل آف ڪمپلين جي ڪورم کي نظرانداز ڪيو ويو. آرڊر پاس ڪرڻ وقت پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ ميمبرن کي ٻڌو به نه ويو. عدالت دليل ٻڌڻ بعد پيمرا جي حڪمنامي کي معطل ڪري ڇڏيو

بقايا *** 03

سي سي آءِ جي آدمشماري بابت فيصلي جي ڪنهن به مخالفت نه ڪئي. درخواست گذار ۽ وڪيل ڪامران مرتضيٰ چيو ته بلوچستان جي وڏي وزير کي سي سي آءِ جي اجلاس ۾ زبردستي ويهاريو ويو. سي سي آءِ جي جوڙجڪ به مڪمل نه هئي. جسٽس جمال مندوخيل چيو ته توهان جي وڏي وزير کي سي سي آءِ اجلاس ۾ زبردستي ڪير وٺي ويو؟ وڪيل ڪامران مرتضيٰ چيو ته وڏو وزير نه سمهيو پيو هو. ڪيس جهاز ذريعي اسلام آباد پهچايو ويو. هاڻوڪي آدمشماري ۾ بلوچستان جي آبادي سوا هڪ ڪروڙ ڄاڻائي وئي آهي. بلوچستان جي اصل آبادي هن وقت 2 ڪروڙ کان وڌيڪ آهي. جسٽس جمال مندوخيل چيو ته سي سي آءِ جي فيصلي کي عدالت نه پر پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس ئي ڏسي سگهي ٿو. وڪيل ڪامران مرتضيٰ چيو ته صوبي جي هڪ شهريءَ جي حيثيت ۾ مان غلط آدمشماري کي چئلينج ڪري سگهان ٿو. آباديءَ جي حساب سان بلوچستان جون 10 قومي سيٽون وڌڻ گهرجن. عدالت اٽارني جنرل. ايڊوڪيٽ جنرل بلوچستان ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي ايندڙ هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا *** 04

اچڻ گهرجن. ٻڌايو وڃي ته ڪنهن چيو هو ڪابل وڃي طالبان حڪومت کي انگيج ڪيو؟ هن چيو ته آرمي پبلڪ اسڪول سانحي سڄي قوم کي لوڏي ڇڏيو هو. حملي ڪانپوءِ سڀني گڏجي نيشنل ايڪشن پلان ناهيو رات ڏينهن محنت ڪري نيشنل ايڪشن پلان ناهيو ويو. نيشنل ايڪشن پلان ناهڻ ۾ پي ٽي آءِ سميت سڀ جماعتون شامل هيون.

بقايا *** 05

عدالت گرفتاري وارنٽس جي تعميل جي منظوري ڏئي ڇڏي. چيئرمين نيب پاران جاري ڪيل وارنٽس جي تعميل لاءِ نيب پاران احتساب عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي وئي. احتساب عدالت جي جج محمد بشير درخواست تي ٻڌڻي هلائي. نيب جو ڊپٽي پراسيڪيوٽر جنرل مظفر عباسي. پراسيڪيوٽر ۽ جاچ آفيسر عدالت ۾ پيش ٿيا. عدالت سوال ڪيو ته هاءِ ڪورٽ ڇا ڪيو آهي. پراسيڪيوٽر چيو ته ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهي. عدالت نه حڪم معطل ڪيو آهي ۽ نه وري ڪو اسٽيئنگ آرڊر جاري ڪيو آهي. عدالت اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ کي گرفتاري وارنٽس جي تعميل لاءِ قدم کڻڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا *** 06

۽ 13 نومبر جي رات فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻن جوان به شهيد ٿي ويا. جن ۾ سپاهي عبدالله ۽ سپاهي محمد سهيل شامل آهن. آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن جو اثرائتي انداز ۾ پتو لڳايو جڏهن ته علائقي ۾ ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي.

بقايا *** 07

جمع ڪرائڻ جي تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏيو ميٽرڪ بورڊ جي چيئرمين سيد شرف علي شاهه جي خاص هدايت تي قائم مقام امتحانن جي ناظم خالد احسان ٻڌايو ته ميٽرڪ سائنس ۽ جنرل گروپ ريگيولر ۽ پرائيويٽ جي 2023ع جي ساليانه امتحانن ۾ فيل ٿيندڙ شاگرد ضمني امتحانن لاءِ فارم بنا ليٽ فيس جي 15 نومبر کان 30 نومبر 2023ع تائين جمع ڪرائي سگهن ٿا. سمورا ريگيولر شاگرد امتحاني فارم پنهنجي تعليمي اداري جي معرفت جمع ڪرائيندا پر پرائيويٽ شاگرد پنهنجا فارم لاڳاپيل بئنڪن ۾ ذاتي طور تي جمع ڪرائي سگهن ٿا.

بقايا *** 08

قائد نواز شريف مولانا فضل الرحمان کان خيريت دريافت ڪئي. ٻنهي اڳواڻن ۾ موجوده ملڪي سياسي صورتحال تي ڳالهيون ٿيون. نواز شريف ۽ مولانا فضل الرحمان گڏيل اتفاق سان گڏجي مسئلن کي حل ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ترجمان چيو ته نواز شريف جلد مولانا فضل الرحمان سان ملاقات جي خواهش جو اظهار ڪيو

بقايا *** 09

پئسا واڌ ٿي آهي. اسٽيٽ بئنڪ موجب. انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر 52 پئسا مهانگو ٿي 287.58 رپين جو ٿي ويو ٻئي پاسي اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ رپيو مهانگو ٿيڻ بعد 289 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا *** 10

ڪراچي اورنگي ٽائون پاڪستان بازار جي علائقي ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جو واقعو پيش آيو مقتول کي موٽر سائيڪل به جوابدارن نشانو بڻايو. مقتول رحيم الله علائقي جي مسجد جو موذن هيو ايس ايس پي ويسٽ مهزور علي ٻڌايو ته مقتول جي سڃاڻپ مولانا رحيم الله جي نالي سان ٿي. واقعو ٽارگيٽ ڪلنگ جو آهي. مقتول کي 3 گوليون لڳيون عملدارن جو چوڻ هو ته مقتول وٽ موبائل فون ۽ ٻيو سامان موجود آهي. واقعي واري هنڌ تان 9 ايم ايم گولي جو هڪ خول مليو آهي. جڏهن ته لاش عباسي شهيد اسپتال پهچايو ويو آهي. مقتول رحيم الله جي گهرڀاتين عباسي شهيد اسپتال ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته رحيم الله نعت خوان جي تقريب ۾ وڃي رهيو هو. مقتول جو 6 مهينن جو پٽ آهي ۽ ان جي ڪنهن سان دشمني نه هئي.

بقايا *** 11

سون 8 رپيا مهانگو ٿيڻ بعد 2 لک 11 هزار 800 رپين جو ٿي ويو اهڙي ريت ڏهه گرام سون جي قيمت 686 رپيا واڌ ڪانپوءِ 1 لک 81 هزار 584 رپيا آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون 2 ڊالر مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 1960 ڊالرز جو ٿي ويو آهي.

بقايا *** 12

a نگران وڏي وزير جي صدارت هيٺ زراعت کاتي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم. ايڊووڪيٽ جنرل حسن اڪبر. ناٿي وارو سيڪريٽري ڪاظم جتوئي. سيڪريٽري زراعت اعجاز شاهه. سيڪريٽري خوراڪ عباس سومرو ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ سنڌ جي نگران وڏي وزير کي زراعت واري سيڪريٽري اعجاز شاهه بريفنگ ڏني. سنڌ جي وڏي وزير جي ترجمان ٻڌايو ته اجلاس ۾ ڪمند جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت بابت ڳالهيون ڪيون ويون. سنڌ جي نگران وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته ڪابينه مان سرڪيوليشن سمري منظوري ڪرائي وڃي. جسٽس (ر) مقبول باقر چيو ته سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 4000 روپيه في مڻ اڳ ئي مقرر ڪري چڪي آهي. سنڌ جي زراعت واري سيڪريٽري وڏي وزير کي آگاهي ڏني ته زراعت کاتي ۾ 10 ڊي جيز آهن ۽ هڪ ڪين ڪمشنر آهي. زراعت کاتي جا تقريبن 13 ونگز آهن. سنڌ جي نگران وڏي وزير سوال ڪيو ته ڇا زراعت کاتو چانور. ڪڻڪ ۽ ٻين فصلن جي پيداوار نٿو وڌائي سگهي؟ پنجاب ۾ چانور ۽ ڪڻڪ جي پيداوار سنڌ کان وڌيڪ آهي. سنڌ جي نگران وڏي وزير سيڪريٽري زراعت کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي ڊي جيز جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺي. جيڪي زراعت کاتي جون ونگز بهتر ڪم نه پيون ڪن انهن کي بند ڪيو وڃي يا بهتري آندي وڃي.

بقايا *** 13

ڪيو ويو آهي. پوليس موجب سهراب گوٺ ۽ ان جي چوڌاري علائقن ۾ غيرقانوني رهندڙ پرڏيهين جي خلاف آپريشن جو سلسلو روزاني جي بنياد تي جاري آهي. گذريل رات به ايس پي سهراب گوٺ جي سربراهي ۾ آل آصف اسڪوائر ۽ ان جي چوڌاري سرچ آپريشن ڪيو ويو. آپريشن دوران سوين شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو. آپريشن دوران اهڙا ماڻهو جن جا ڪاغذ مڪمل هئا انهن کي آزاد ڪيو ويو جڏهن ته ڪاغذ مڪمل نه ٿيندڙن کي ڪجهه وقت ڏنو پيو وڃي. آپريشن ۾ ليڊيز پوليس اهلڪار به وڏي انگ ۾ حصو وٺي رهيون آهن. آپريشن جو سلسلو 3 ڪلاڪن کان وڌيڪ جاري رهيو ان دوران غيرقانوني پرڏيهين جي خلاف آپريشن ۾ تقريبن 500 فليٽس (گهرن) جي تلاشي ورتي وئي ۽ تقريبن 300 ماڻهن کي جاچ جي لاءِ گرفتار ڪيو ويو هڪ خاندان وٽ ڪاغذ مڪمل نه هجڻ تي شڪ جي آڌارتي هولڊنگ ڪيمپ منتقل ڪيو ويو

بقايا *** 14

هيٺ اسٽيرنگ ڪميٽي جي ماتحت ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبي ۾ اسڪولن جو نئون تعليمي سال پندرنهن اپريل ۽ ڪاليجن ۾ نئون سال پهرين آگسٽ کان شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ترجمان موجب. سياري ۽ گرمين جي موڪلن جو پراڻو شيڊيول برقرار رکيو ويو آهي ۽ ميٽرڪ جا امتحان مئي جي پهرين هفتي جڏهن ته انٽرميڊيئيٽ جا امتحان مئي جي آخري هفتي کان شروع ٿيندا. ترجمان موجب. ميٽرڪ جي نتيجن جو اعلان 31 جولاءِ ۽ انٽر جا نتيجا آگسٽ جي ٻئي هفتي تائين پڌرا ڪيا ويندا جڏهن ته گرمين جي موڪلن ۾ استادن لاءِ 15 ڏينهن جو تربيتي سيشن ڪيو ويندو

بقايا *** 15

جو شيڊول ايندو ان ڏينهن اسان ٿي سياست ڪنداسين. هن وقت ڪنهن کي به سمجهه ۾ نه پئي اچي ته ملڪ جي سياست ڪهڙي طرف وڃي رهي آهي. فيصلو عوام کي ڪرڻو آهي. عوام سياستدانن کان وڌيڪ سمجهدار آهي. شيخ رشيد چيو ته 21 آڪٽوبر تي نوازشريف واپس آيو ۽ 22 آڪٽوبر تي مان چلو ڪٽي واپس ڀهتس مون هميشه گيٽ نمبر 4 جو ساٿ ڏنو پر مون کي نظر لڳي وئي نوازشريف کي ڪڏهن نظر لڳندي ان جو مان انتظار ڪندس.

بقايا *** 16

شهرن ۾ هندو برادري طرفان جوڙڻ جوش جذبي سان ملهائي رهي آهي مندرن ۽ گهرن ۾ پوڄا پاٺ جو سلسلو جاري آهي. ان موقعي تي ملڪ ۽ قوم جي خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ دعائون پڻ گهريون پيون وڃن ڏياري جي حوالي سان 3 ڏينهن تقريبون جاري رهنديون. ٻار ۽ نوجوان ڦٽاڪا پڻ ڦاڙيندا. هندو برادري طرفان مختلف تقريبن سان گڏوگڏ ڏياري لاءِ خصوصي تياريون پڻ ڪيون ويون آهن ياد رهي ته ڏياري هندو برادري جي مذهبي تهوارن مان هڪ اهم تهوار آهي ۽ ان جي روشني جي تهوا جي طور تي سڃاڻپ ڪئي ويندي آهي چوته هندو برادري ان موقعي تي ڏيئا ٻاريندي آهي جيڪا روشني جي اونداهي تي ۽ سنائي جي برائي تي غالب اچڻ جي نشاني آهي.

بقايا *** 17

شامل آهن. جڏهن ته اڳوڻي اطلاعات واري وزير فيروز جمال شاهه حلف نه کنيو جيڪو بعد ۾ حلف کڻندو. تقريب ۾ چيف سيڪريٽري نديم اسلم چوڌري. انسپيڪٽر جنرل پوليس اختر حيات خان گنڊاپور. انتظامي کاتن جي سربراهن سميت سياسي ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي. ڪابينه ميمبرن طرفان حلف کڻڻ کان پوءِ صوبي ۾ پيدا ٿيندڙ آئيني بحران مڪمل طور تي ختم ٿي ويو.

بقايا *** 18

4700 رپيا مقرر ڪيو ويو آهي. پنجاب جي خوراڪ کاتي جي سيڪريٽري ڪڻڪ ۽ اٽي جي اگهن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو ڪابينه ڪميٽي جي منظوري ڪانپوءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 19

ورتو. ڊي سي پاران اڄ لي مارڪيٽ بس اسٽينڊ. ايل اي مارڪيٽ ڪير منڊي. مڇي مارڪيٽ ۽ مختلف پسارڪي ۽ سبزي مارڪيٽن جو دورو ڪيو ويو. هن شهرين کي سهولتن جي فراهمي. قيمتن جي مقرري. غيرقانوني حدخلين ۽ ورتي واري عمارتن بابت اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايتون جاري ڪيون. ڊي سي لي مارڪيٽ ڪلاڪ ٽاور جي چوڌاري غير قانوني حدخلين هٽايون ۽ اي سيز کي هدايت ڪئي ته ان جي صفائي ۽ خوبصورتي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن. مختلف دوري دوران دڪاندارن کي فوري طور تي فوٽ پاٿن تي دڪان ۽ اسٽال بند ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. ڊي سي کهارادر ۾ قائم پوليس چوڪي ۽ پارڪن جي تعميراتي ڪم جو پڻ جائزو ورتو عوام ڊي سي سائوٿ پاران سندن سهولت لاءِ کنيل سمورن ڪمن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ڊي سي سائوٿ سان اي لياري. اي سي گارڊن ۽ اي سي آرام باغ پڻ موجود هئا.

بقايا *** 20

ڪرڻ جي درخواست تي نيپرا سڀاڻي ٻڌڻي ڪندي. نيپرا جولاءِ کان سيپٽمبر 2023 جي ايڊجسٽمينٽ جي درخواست تي ٻڌڻي ڪندي. ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي جي قيمت ۾ واڌ تقريبن 1.70 رپيا في يونٽ ٿيندي.

نيپرا اختيارين جو چوڻ آهي ته برابر ٽيرف لاءِ ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ کي اليڪٽرڪ صارفين تي به لاڳو ٿيندي. ڊسڪوز بجلي صارفين تي 22 ارب 56 ڪروڙ رپين جي واڌو بار جي درخواست ڪئي آهي ۽ ڪمپنين ڪيپيسٽي چارجز جي مد ۾ 12 ارب 12 ڪروڙ 60 لک رپيا وصولي جي اجازت گهري آهي. يوز آف سسٽم چارجز تحت 10 ارب 24 ڪروڙ 70 لک رپيا وصولي جي درخواست ڪئي وئي آهي ۽ آپريشن اينڊ مينٽيننس جي مد ۾ 4 ارب 61 ڪروڙ 70 لک رپيا گهريا ويا آهن

ان ڪانسواءِ نقصانن جي مد ۾ 6 ارب 61 ڪروڙ 70 لک رپيا وصول ڪرڻ جي درخواست آهي.

بقايا *** 21

ارشد ولي محمد هن هفتي ورلڊ ٽريول مارڪيٽ (ڊبليو ٽي ايم) لنڊن جو جائزو ورتو. WTM دنيا جو سڀ کان وڏو ٽريول ٽريڊ ايونٽ آهي. جنهن ۾ 184 ملڪن ۽ علائقن مان 51,000 پروفيشنلز کي گڏ ڪيو ويندو آهي. ارشد ولي محمد تازن جديد لاڙن ۽ اڳيرائي بابت وڌيڪ ڄاڻڻ ۽ سنڌ کي سياحتي مقام طور هٿي وٺرائڻ لاءِ عالمي سفري صنعت جي نمائندن سان ملاقاتون ڪيون. سنڌ صوبو ڪيترن ئي تاريخي. ثقافتي ۽ قدرتي پرڪشش ماڳن جو گهر آهي. ارشد ولي محمد چيو ته اسان WTM لنڊن ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ سنڌ کي هڪ اهم سياحتي مقام طور فروغ ڏيڻ لاءِ پرجوش آهيون. "سنڌ وٽ پنهنجي شاندار تاريخ ۽ ثقافت کان وٺي پنهنجي شاندار قدرتي خوبصورتي کي پيش ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو ڪجهه آهي. اسان پنهنجي سياحت واري شعبي کي ترقي ڏيڻ ۽ سڄي دنيا مان ايندڙ سياحن جي لاءِ سنڌ جي عجائبات جو تجربو ڪرڻ لاءِ پر عزم آهيون. WTM لنڊن سفر جي ماهرن لاءِ نيٽ ورڪ. سکڻ ۽ ڪاروبار ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين جڳهه آهي. پوري دنيا مان 5,000 کان وڌيڪ نمائش ڪندڙن سان. WTM سياحن کي نئين منزلون ۽ پراڊڪٽ ڳولڻ جو موقعو ڏئي ٿو ۽ انهن ماڻهن سان ڳنڍڻ جو موقعو ڏئي ٿو جيڪي انهن جي ڪاروبار کي وڌائڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا. WTM "لنڊن ۾ نمائش جي ڊائريڪٽر جوليٽ لاسارڊو چيو ته وزير محمد جو استقبال ڪندي اسان کي خوشي ٿي رهي آهي. سنڌ هڪ دلڪش ۽ خوبصورت ماڳ آهي. جنهن ۾ سياحن لاءِ تمام گهڻو ڪجهه آهي. اسان کي يقين آهي ته وزير محمد جو دورو سنڌ بابت شعور پيدا ڪرڻ ۽ وڌيڪ زائرين کي هن شاندار منزل ڏانهن راغب ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو"

بقايا *** 22

ڊفينس ۾ ننڍي عمر جي ڊرائيور جي گاڏي جي ٽڪر سان ڪار ۾ سوار 6 ڄڻن جي موت جي واقعي جي جاچ جاري آهي. واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ تيز رفتاري. غفلت. لاپرواهي جا ڪلمر شامل ڪيا ويا آهن. واقعي ۾ گرفتار ننڍي عمر جي جوابدار عفنان جو پوليس کي ڏنل وڊيو بيان سامهون اچي ويو. جنهن ۾ هن گاڏي جي اسپيڊ 100 کان وڌيڪ هجڻ جو انڪشاف ڪيو آهي. جوابدار چيو ته مان اٺين درجي جو شاگرد آهيان. گاڏي هڪ سال کان هلائي رهيو آهيان. سڪوٽ کان گاڏي هلائڻ سکي. والدين گاڏي کيڻ کان روڪيو هو هن چيو گاڏي جي رفتار 110 جي هئي ته اوچتو سامهون کان بي گاڏي اچي وئي. ٻنهي پاسن کان بيريئر هئا ۽ گاڏي کيڻ جو ڪو رستو نه بچيو هو پوليس ٻڌايو ته گاڏي ۾ جوابدار سان گڏ 3 کان 4 دوست به سوار هئا ۽ سڀني ماني کائڻ وڃي رهيا هئا. ياد رهي ته گذريل ڏينهن لاهور ۾ ڊفينس فيز سيون ۾ پيش آيل حادثي ۾ هڪ ئي خاندان جا ڇهه ڀاتي فوت ٿي ويا هئا.

بقايا *** 23

ڊيزل جي اگهن ۾ 16 نومبر کان في ليٽر 8 کان 10 رپيا گهٽتائي جو امڪان آهي. ياد رهي ته يو ايس ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ ڪروڊ آئل جي قيمت جولاءِ ڪانپوءِ 4 سيڪڙو گهٽجي گهٽ ترين سطح 78 ڊالر في بيرل تي اچي وئي آهي. ملڪ ۾ پيٽرول 283.38 رپيا جڏهن ته هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت 303.18 رپيا آهي.

بقايا *** 24

ڦر ڪري فرار ٿي ويا. پوليس موجب سيڪٽر اليون ڊي 5 نمبر فيض عطار مسجد ويجهو نجي بينڪ جي ٻاهران ڦورن جي فائرنگ سبب هڪ سيڪيورٽي گارڊ مارجي ويو جنهن جي لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪئي وئي. جتي مقتول جي سڃاڻپ 28 ورهين جي عمر زمان ولد سيد وزير جي نالي سان ڪئي وئي. مقتول ڊسٽرڪٽ ويسٽ جي علائقي سائيٽ ايريا جو رهواسي ۽ نجي سيڪيورٽي ڪمپني ۾ بطور گارڊ نوڪري ڪرڻ هو. ڪمپني طرفان پولٽري فارمن مان شهر ۾ ڪڪڙيون سپلاءِ ڪندڙن وٽ رقم جي ريڪوري ڪرڻ جو ڪم ڪندو هو واقعي وقت مقتول عمر زمان شهر جي ٻين دڪانن تان رقم جي ريڪوري ڪندي هاءِ روف ۾ سوار ٿي مرغي جي دڪان تان رقم وٺي ريڪوري جي لاءِ آيو هو ان دوران 2 موٽر سائيڪلن تي سوار 4 ڦورو آيا ۽ انهن رقم ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي عمر زمان مزاحمت ڪئي. مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن فائرنگ ڪري سيڪيورٽي گارڊ کي زخمي ڪيو ۽ رقم سان ڀريل ٿيلها کڻي فرار ٿي ويا. جنهن کان پوءِ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو ته سفر دوران زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو پوليس طرفان شروع ڪيل شروعاتي جاچ ۾ خبر پئي آهي ته جوابدارن 10 لک رپين کان وڌيڪ جي رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن. وڌيڪ تفصيل جاچ کان پوءِ سامهون ايندا.

بقايا *** 25

سان Robert Devskiller Sara Dziublowski ۽ زاهد علي شامل هئا. ملاقات ۾ پاڪ_پولينڊ ٻطرفن لاڳاپن. مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ ۽ صوبي ۾ سيڙپڪاري جي موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وقتي گورنر سنڌ چيو ته پاڪستان ۽ پولينڊ وچ ۾ معاشي سهڪار وڌائڻ ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ آهي. هن وڌيڪ چيو ته صحت. تعليم. توانائي ۽ ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن هن چيو ته اسپيڪر ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ پولينڊ ويو آهيان. هن چيو ته زرعي شعبي ۾ تعاون به ٻنهي ملڪن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو سنڌ جي وقتي گورنر وفد جي ميمبرن کي صوبي جي ثقافتي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پيش ڪيا.

بقايا *** 26

۽ ٻين جي شرڪت. نگران وڏي وزير سنڌ جسٽس (ر) مقبول باقر پاران نگران صوبائي وزير خدا بخش مري سان نڏي تي ڀهجي ڀاءُ جي وفات تي تعزيت. خبر موجب: سنڌ جو وڏو وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر ۽ نگران صوبائي گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز گهگهر قادر نگر پهچي صوبائي وزير خدا بخش مري جي ننڍي ڀاءُ جي وفات تي تعزيت ڪئي. صوبائي وزير خدا بخش مري جو ڀاءُ گذريل ڏينهن ٽرين جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو هو. جنهن جي جنازي نماز گهگهر ڳوٺ قادر نگر ۾ ادا ڪئي وئي. جنهن ۾ صوبائي گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز پڻ شرڪت ڪئي جڏهن ته نگران وڏو وزير سنڌ صوبائي وزير قادر بخش مري جي ڀاءُ جي نڏي تي ڀهجي تعزيت پڻ ڪئي. ان موقعي تي وڏي وزير سنڌ جسٽس (ر) مقبول باقر صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ اندر مسئلا تمام گهڻا آهن اسان جي ڪوشش آهي ته وڌ کان وڌ مسئلا هل ڪري عوام کي رليف پهچايون . اسان جي ڪوشش آهي ته ڪرائم تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ ڪافي هد تائين ڪنٽرول ڪيو ويو آهي هن چيو ته غير قانوني رهندڙن کي واپس موڪلڻ جو سلسلو جاري آهي اسين رڏي احتيات سان انهن کي وطن واپس موڪليون پيا ته جيئن ڪنهن سان زيادتي نه ٿي سگهي . هن وڌيڪ چيو ته محدود فنڊ جي باوجود ڪابينا جا وزير بهتر ڪم ڪري رهيا آهن . اسان جي ڪوشش آهي ته پنهنجي وقت جي اندر وڌ کان وڌ عوام جا مسئلا حل ڪيون. اسان کان پوءِ جيڪي حڪومت ايندي وڌيڪ اهي عوامي مسئلا حل ڪندي. ٻئي طرف نگران صوبائي گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ امن و امان جي صورتحال بهتر ٿي رهي آهي جرائم پيشه عناصرن خلاف آپريشن جاري آهي سڀ کان وڌيڪ لٽ مار گذريل ڏينهن ٿي آهي ٻن مهينن جي دوران 40 کان وڌيڪ ڦورو مارجي چڪا آهن اڃان ڪجهه وارداتون ٿي رهيون آهن پر جلد انهن جو خاتمو ٿيندو غير ملڪي تارڪين وطن جي خلاف آپريشن جاري آهي ان آپريشن ۾ رڏي ڪاميابي حاصل ٿي آهي اسين ماڻهن سان گڏ انتهائي احترام سان پيش اچي رهيا آهيون جنهن وٽ قانوني طور تي رهائش دستياب هوندي انهن کي ڪجهه نٿو چيو وڃي جيڪو غيرقانوني طور تي موجود آهي انهن کي ڪڍيو وڃي پيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر رٽائرڊ ڪيپٽن سعيد لغاري . ايس ايس پي مليرطارق الاهي مستوئي سميت ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا *** 27

علائقي مان منتقل ڪرڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو شڪايت ڪندڙ سيد ڪامران پنهنجي آن لائن شڪايت داخل ڪندي محتسب کي درخواست ڪئي ته ايف بي ايريا ۾ هڪ رهائشي پلاٽ تي ڪارخانو قائم ڪيو ويو آهي. جنهن سبب پيدا ٿيندڙ شور ۽ فضائي آلودگي رهواسين لاءِ پريشاني جو ڪارڻ آهي. صوبائي محتسب سنڌ جاڀايل شڪايت ريجنل ڊائريڪٽر ڪراچي سينٽرل کي جاچ لاءِ موڪلي جنهن اسسٽنٽ ڪمشنر گلبرگ. ڊائريڪٽر جنرل انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي ۽ ڊائريڪٽرلينڊ کي ڊي اي کان جواب طلب ڪري ورتو ريجنل ڊائريڪٽر جي ڪوشش سان اسسٽنٽ ڪمشنر پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو ته جاڀايل فيڪٽري کي رهائشي علائقي مان منتقل ڪيو ويو آهي. جنهن جي شڪايت ڪندڙ تصديق ڪئي ۽ محتسب جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا *** 28

ڇڏي جڏهن ته حماس پڻ اتر غزا جون سڀئي اسپتالون بند هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پرڏيهي خبر اداري موجب. ڊبليو ايچ او جو چوڻ آهي ته غزا جي مرڪزي اسپتال الشفا هاڻ مڪمل طور غيرفعال ٿي چڪي آهي. ڊبليو ايچ او جي سربراهه ڊاڪٽر ٽيڊروس موجب. الشفا اسپتال ۽ ان جي ڀرپاسي مسلسل فائرنگ ۽ بمباري جاري آهي جنهن ڀهريان کان ڳڻتي جوڳي حالتن کي وڌيڪ بدترين بڻائي ڇڏيو آهي. ٻئي پاسي حماس جو چوڻ آهي ته اتر غزا جي تمام اسپتالن ۾ ڪم بند ٿي ويو آهي. فلسطيني صحت واري وزارت موجب. الشفا اسپتال ۾ اٽڪل به هزار ماڻهو موجود آهن. جن ۾ مريض. طبي عملو ۽ بي گهر ماڻهو پڻ شامل آهن. عالمي ميڊيا جي رپورٽن موجب. الشفا اسپتال جي ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته ڪين خدشو آهي ته تازا جاول اٽڪل 36 ٻار آءِ سي يو ۾ علاج جون سهولتون نه ملڻ تي موت جو کاڄ بڻجي سگهن ٿا. هوڏانهن گڏيل قومن جو چوڻ آهي ته الشفا اسپتال جي ويجهو شديد بمباري جي نتيجي ۾ ٽي رنسون حياتي وڃائي چڪيون آهن استاف ميمبرن جي موت تي اڄ گڏيل قومن جي اداري جو پرچم جهڪيل آهي. گڏيل قومن جو چوڻ آهي ته غزا ۾ جاري اسرائيلي بمباري سبب هينئر تائين سٺو کان وڌيڪ ميمبر مارجي چڪا آهن. ياد رهي ته ست آڪٽوبر کان غزا تي جاري اسرائيلي بمباري جي نتيجي ۾ شهيد فلسطينين جو انگ يارنهن هزار کان وڌي چڪو آهي جن ۾ ساڍا چار هزار ٻار پڻ شامل آهن.

بقايا *** 29

ڇڏيو ڪنوينشن جي صدارت مرڪزي امير سراج الحق ڪندو جڏهن ته مرد توڙي عورت صوبائي ۽ قومي اسيمبلي لاءِ نامزد اميدوار شريڪ ٿيندا. جماعت اسلامي ڪنهن سان به اتحاد ڪونه ڪندي پنهنجي جهنڊي ۽ نشان تي اليڪشن وڙهندي. جيڪي اتحاد سنڌ ۾ ٺهي رهيا آهن تن کي عوام جو ڪوالڪو نه آهي پنهنجن مفادن جا اسير آهن. انهن پي ڊي ايم حڪومت سميت ڪيترائي ڍاڪا گڏجي حڪومت ۽ سنڌ جي وسيلن جي ڀيل ڪئي آهي. اهڙن کان ڪنهن کي خير جي اميد ڀهرن کان ڀير گهرڻ برابر هوندو. اهڙن خيالن جو اظهار جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي قباءِ آڊيٽوريم ۾ ضلعي عهديدارن جي اجلاس کي خطاب دوران ڪيو اجلاس ۾ ڪراچي ۽ کان ڪشمور سموري سنڌ مان ضلعي عهديدار شريڪ هئا. جنهن ۾ سنڌ جي سياسي صورتحال. چونڊن جي تيارين. فسطين مامري سميت ٻين دعوتي . تنظيمي سرگرمين جو پڻ جائزو ورتو ويو صوبائي امير جو وڌيڪ چوڻ هو ته مدي خارج نظام توڙي حرام خوري قيادت خوشحال سنڌ جي عوام کي پٿر واري دور ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. جنهن جي ڪري سنڌ جو هر شهر ۽ شعبو تباهي جو ڏيک ڏيئي رهيو آهي. ايندڙ سال 8 فيبروري جو ڏينهن هڪ اهم معرڪي جي حيثيت رکي ٿو سنڌ جو عوام جيڪڏهن واقعي چور ۽ نااهل قيادت کان نجات توڙي خوشحال سنڌ ڏسڻ چاهي ٿو ته پوءِ ان کي مخلص ۽ ايماندار قيادت جي چونڊ ڪرڻي پوندي . هن چيو ته فلسطين مسئلي جي ڪري مسلمان امت سميت پوري دنيا ۾ هڪ بيداري جي لهر پيدا ٿي آهي. حماس ۽ فلسطين جهاد واري جذبي کي زنده ڪيو آهي. او آءِ سي توڙي عرب ليگ جو ڪردار شرمناڪ آهي اهي ڪاعملي مدد ڪرڻ بدران صرف صرف مذمتي بيان ۽ لاش ڳڻڻ ۾ پورا آهن. جيڪڏهن اهي غيرت جو مظاهرو ڪري اسرائيل. امريڪا توڙي ساٿاري بڻيل ملڪن جو تيل گئس ۽ سفارتي لاڳاپا ختم ڪن ته اسرائيل گوڏاڪوڙڻ تي مجبور ٿي پوندو#

بقايا *** 30

ڪيس جي جيل ٽرائيل جو فيصلو ڪيو ويو آهي. 29 آگسٽ تي قانون واري وزارت جيل ٽرائيل جي لاءِ اين او سي جاري ڪئي هئي. سمري موجب گهرو وزارت ۽ ڪيس جي ٻڌڻي ڪندڙ جج ابوالحسنات محمد ذوالقرنين جيل ٽرائيل جي سفارش ڪئي. عمران خان کي پيش ايندڙ سيڪيورٽي خدشن سبب جيل ٽرائيل جي سفارش ڪئي وئي. سمري سان گڏ اسپيشل برانچ جي ٿريٽ رپورٽ ۽ جج جي سفارش جي ڪاپي به گڏ جوڙي آهي. عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جي خلاف 14 نومبر تي سائفر ڪيس جي ٻڌڻي اڊيالا جيل ۾ ٿيندي. عمران خان جي اوپن ڪورٽ ٻڌڻي جي لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ٻڌڻي هيٺ آهي.

بقايا *** 31

فلسطين جو حصو آهي تيستائين ڪو به معاهدو نه ٿيندو طيب اردوان چيو ته اسان کي مصر ۽ عرب ملڪن سان به ڳالهيون ڪرڻ گهرجن ۽ آمريڪا تي دٻاءُ وجهڻ گهرجي. آمريڪا کي اسرائيل تي دٻاءُ وڌائڻ گهرجي. جڏهن ته مغرب کي به اسرائيل تي دٻاءُ وڌائڻ گهرجي. اهو اسان جي لاءِ سيز فائر تائين وڃڻ جو اهم رستو آهي. ترڪي جي صدر چيو ته هن معاملي ۾ هڪ انتهائي اهم ملڪ جي آمريڪا سان گڏجڻ جي ضرورت آهي جنهن جو اسرائيل ۾ اثر رسوخ آهي. طيب اردوان آمريڪي صدر جو بائيڊن سان ٽيليفون تي ڳالهيون ڪرڻ کان پڻ انڪار ڪيو هن چيو ته انٽوني بلنڪن ترڪيه ۾ رهيو آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته جو بائيڊن کي انهي معاملي ۾ اسان جي ميزباني ڪرڻ گهرجي اهو منهنجي لاءِ مناسب نه هوندو ته مان ڪيس ٽيليفون ڪريان. هن چيو ته آمريڪا هر صورت ۾ اهو مڃي ته غزه فلسطين جي زمين آهي.

بقايا *** 32

رليف ڏيڻ لاءِ قدم کڻنداسين. حڪومت ۾ اچي بينظير انڪم سپورٽ جيان هاري ڪارڊ به آڻينداسين ته جيئن هارين کي پاڻ ۽ ٻج جي مدد ملي سگهي. جڏهن ته بيروزگاري جي حوالي سان هڪ ڪارڊ آڻينداسين. سندس چوڻ هو ته اڃا چونڊ شيڊيول جو اعلان ناهي ٿيو پر اڄ عوام جي جوش ۽ جذبي سان ٿرپارڪر جو فيصلو ٿي ويو آهي. 8 فيبروري تي ٿرپارڪر مان تير جي فتح ٿيندي. ٿرپارڪر ۾ ترقياتي ڪم پ پ جي ڪارڪردگي آهي. ڪيراچي پڇا ڪري ته هتي پ پ جي حڪومت ۾ ڪيترو ڪم ٿيو بلاول ڀٽو زرداري دعويٰ ڪئي ته پ پ جو ڪو سياسي مخالف ناهي. ڪا اهڙي جماعت ناهي. جنهن کي مان مخالف مڃي سگهان. منهنجي مخالف بي روزگاري. مهانگائي ۽ غربت آهي. اسان گڏجي مقابلو ڪنداسين ۽ عوام کي ان جو حق ڏينداسين. اڳوڻي ٻرڏيهي وزير چيو ته ڪمرن ۾ ويهي چونڊن جا نتيجا ۽ منصوبا ناهيندڙن کي پ پ 8 فيبروري تي جواب ڏيندي. اسان ڪنهن جي مدد سان نه پر پنهنجي ڪارڪردگي تي چونڊ وڙهنداسين. جيڪڏهن عوام فيصلو حق ۾ ڏنو ته خدمت جاري رکنداسين ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي کي چونڊيو ته به نتيجا قبول ڪنداسين. اسان جا دوست شايد اهو سمجهي رهيا آهن ته اهي پي ٽي آءِ جي نقل ڪري چونڊون وڙهي سگهن ٿا ته ڪين 8 فيبروري تي جواب ڏينداسين ۽ پاڪستان مهانگائي ليگ کي شڪست ڏينداسين.

بقايا *** 33

ڊفينس ۾ ننڍي عمر جي ڊرائيور جي گاڏي جي ٽڪر سان ڪار ۾ سوار 6 ڄڻن جي موت جي واقعي جي جاچ جاري آهي. واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ تيز رفتاري. غفلت. لاپرواهي جا ڪلمر شامل ڪيا ويا آهن. واقعي ۾ گرفتار ننڍي عمر جي جوابدار عفنان جو پوليس کي ڏنل وڊيو بيان سامهون اچي ويو. جنهن ۾ هن گاڏي جي اسپيڊ 100 کان وڌيڪ هجڻ جو انڪشاف ڪيو آهي. جوابدار چيو ته مان اٺين درجي جو شاگرد آهيان. گاڏي هڪ سال کان هلائي رهيو آهيان. سڪوٽ کان گاڏي هلائڻ سکي. والدين گاڏي کيڻ کان روڪيو هو هن چيو گاڏي جي رفتار 110 جي هئي ته اوچتو سامهون کان بي گاڏي اچي وئي. ٻنهي پاسن کان بيريئر هئا ۽ گاڏي کيڻ جو ڪو رستو نه بچيو هو پوليس ٻڌايو ته گاڏي ۾ جوابدار سان گڏ 3 کان 4 دوست به سوار هئا ۽ سڀني ماني کائڻ وڃي رهيا هئا. ياد رهي ته گذريل ڏينهن لاهور ۾ ڊفينس فيز سيون ۾ پيش آيل حادثي ۾ هڪ ئي خاندان جا ڇهه ڀاتي فوت ٿي ويا هئا.

بقايا *** 34

شهرن ۾ هندو برادري طرفان جوڙڻ جوش جذبي سان ملهائي رهي آهي مندرن ۽ گهرن ۾ پوڄا پاٺ جو سلسلو جاري آهي. ان موقعي تي ملڪ ۽ قوم جي خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ دعائون پڻ گهريون پيون وڃن ڏياري جي حوالي سان 3 ڏينهن تقريبون جاري رهنديون. ٻار ۽ نوجوان ڦٽاڪا پڻ ڦاڙيندا. هندو برادري طرفان مختلف تقريبن سان گڏوگڏ ڏياري لاءِ خصوصي تياريون پڻ ڪيون ويون آهن ياد رهي ته ڏياري هندو برادري جي مذهبي تهوارن مان هڪ اهم تهوار آهي ۽ ان جي روشني جي تهوا جي طور تي سڃاڻپ ڪئي ويندي آهي چوته هندو برادري ان موقعي تي ڏيئا ٻاريندي آهي جيڪا روشني جي اونداهي تي ۽ سنائي جي برائي تي غالب اچڻ جي نشاني آهي.

بقايا *** 35

شامل آهن. جڏهن ته اڳوڻي اطلاعات واري وزير فيروز جمال شاهه حلف نه کنيو جيڪو بعد ۾ حلف کڻندو. تقريب ۾ چيف سيڪريٽري نديم اسلم چوڌري. انسپيڪٽر جنرل پوليس اختر حيات خان گنڊاپور. انتظامي کاتن جي سربراهن سميت سياسي ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي. ڪابينه ميمبرن طرفان حلف کڻڻ کان پوءِ صوبي ۾ پيدا ٿيندڙ آئيني بحران مڪمل طور تي ختم ٿي ويو.

بقايا *** 36

گاڏي هلائڻ سکي. والدين گاڏي کيڻ کان روڪيو هو هن چيو گاڏي جي رفتار 110 جي هئي ته اوچتو سامهون کان بي گاڏي اچي وئي. ٻنهي پاسن کان بيريئر هئا ۽ گاڏي کيڻ جو ڪو رستو نه بچيو هو پوليس ٻڌايو ته گاڏي ۾ جوابدار سان گڏ 3 کان 4 دوست به سوار هئا ۽ سڀني ماني کائڻ وڃي رهيا هئا. ياد رهي ته گذريل ڏينهن لاهور ۾ ڊفينس فيز سيون ۾ پيش آيل حادثي ۾ هڪ ئي خاندان جا ڇهه ڀاتي فوت ٿي ويا هئا.

انشاءَالله 8 فيبروري اليڪشن واري ڏينهن پ پ جي ڪاميابي ٿيندي : بلاول ڀٽو زرداري

پ پ جو منشور قائد عوام جو منشور آهي. اسلام اسان جو دين آهي. طاقت جو سرچشمو عوام آهي

سيني کي ديوالي جون مبارڪون پاڪستان پيپلزپاٽي برابري تي يقين رکندي آهي، گڏ هلڻ ڀٽو سيکاريو آهي

اليڪشن ڪئمپين شروع نه ٿي آهي پر جيڪو جذبو اوهان ۾ آهي اوهان ٿر جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي

مٺي(ن سنڌيار) بلاول جو خطاب. سيني کي ديوالي جون مبارڪون پاڪستان پيپلزپاٽي برابري تي يقين رکندي آهي. گڏ هلڻ ڀٽو سيکاريو آهي. اسان هڪ آهيون هڪ رهنداسين. آئون نوجوان وزير خارجه بڻيو ته هر هنڌ ٿر جو ذڪر ڪيم عالمي ميڊيا ۾ جيڪا غلط فهمي آهي ان جو جواب ٿر جي عوام آهي. ڀارت ويس ته اتي به ٿرپارڪر ياد آيو ان لاءِ اتي مودي سرڪار جي حڪومت آهي جماعت آهي جنهن ۾ ڀارت جي اقليتي نمائندگي نه آهي اتي به مهيش ملاڻي جو ذڪر ڪندو هئس. ڀارت جي سرزمين تي سوال مودي ڏيکاريو ته هڪ جنرل اسيمبلي جي سيٽ ڪنهن اقليت جي نه آهي. جيڪي پاڪستان کي انتهاپسند طور پيش ڪندا آهن ان لاءِ جواب ٿرپارڪر آهي. ٿر جا جيالا آهن. آئون هن خوشي جي موقعي تي اوهان سان گڏ آهيان. اليڪشن ڪئمپين شروع نه ٿي آهي پر جيڪو جذبو اوهان ۾ آهي اوهان ٿر جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي. 8 فيبروري اليڪشن جو ڏينهن هوندو ان ڏينهن هن ئي جذبي سان نڪرندو ته انشاالله تير جي جيت هوندي. عوام جي فتح هوندي. پ پ پ جو منشور قائد عوام جو منشور آهي. اسلام اسان جو دين آهي. طاقت جو سرچشمو عوام آهي. اسان جو نارو اهو آهي جيڪو قائد عوام ۽ شهيد بينظير جو نارو هو جنهن جو اثر اڄ به آهي ۽ ان جي اڄ به ضرورت آهي. مانگ رها هي هر انسان روٽي ڪپڙا اور مڪان. جيستائين اهي مسئلا هوندا تيستائين اهو نارو رهندو 2024 جو منشور ٿرپارڪر پ پ جو منشور ٿرپارڪر پ پ جو بيانيو آهي. اسان جي حڪومت کان اڳ هتي ڪي به سهولتون نه هيون. پر اسان ٿر بدلي ڇڏيو نارو ڏنو ۽ ٿر کي بدلايو. ٿر جي ڪوئلي جي ڪڍڻ جو خواب پورو ٿيو ٿر جي معيشت بدلي آهي. بلاڪ ٽو مان ويهه هزار نوڪريون مليون آهن. ٿرون بلاڪ مان به نوڪريون مليون آهن ڪوئلي مان مقامي ماڻهن کي فائدو ڏنو ويندو. اڃان ٿر ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت آهي. پ پ پ جو ڪو سياسي مخالف نه آهي. انشاالله مهانگائي جو مقابلو ڪنداسين روزگار اوهان جو حق آهي اهو نوجوانن کي پ پ ڏيندي. قرباني اسان ٽن نسلن کان ڏيون پيا. اسان هر ماڻهو کي طاقتور بڻايو آهي جنهن ۾ مزدور ۽ غريب شامل آهن.

بقايا سنڌيار 01

پيپلز پارٽي جي سرواڻ آصف علي زرداري جي ويجهي ساٿي حاجي علي حسن زرداري کي ٽوپي ٻهرائي چڙهي ياد رهي ته ٺٽي جي ساحلي پٽي جي شهر ڪيٽي بندر جنهن جي گذريل پندرنهن سالن کان بجلي ڪٽيل هئي جنهن تي اڳوڻي ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري سنڌ حڪومت کان خصوصي گرانٽ منظور ڪرائي پندرنهن ڏينهن ۾ بجلي جا ٻه سو پول لڳرايا جڏهن ته حيسڪو ٽئو پاران انهي سلسلي ۾ ڪيٽي بندر ۾ بجلي جي فراهمي جي افتتاح جي شاندار تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ سوين ڳوٺاڻن ۽ معززن سميت حيسڪو جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. خاص مهمان جو دهل وڄائي استقبال پڻ ڪيو ويو هو ۽ بٽڻ دٻائي بجلي جي فراهمي جو افتتاح ڪيو. افتتاح جي موقعي تي جيڪو بلب روشن ڪيو ويو ان کي جنريٽر ذريعي روشن ڪيو ويو هو جڏهن ته بجلي جي فراهمي شروع ئي نه ڪئي وئي هئي پر لڳل بجلي جا اڌ پول ڏهن ڏينهن اندر ڍهي ويا ۽ ڪيٽي بندر اڃا تائين بجلي کان محروم آهي. ان ئي ڏينهن گهوڙا باري ۾ هڪ ٻي وڏي تقريب ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ جديد اوزارن سان ليس 30 بسترن تي ٻڌل اسپتال جو افتتاح اڳوڻي ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري ڪيو ۽ عوام توڙي ميڊيا کي ٻڌايو ويو ته اسپتال مڪمل ٿي وئي آهي پر ٽن مهينن کانپوءِ به اسپتال کي اڃا تائين تالا لڳل آهن ۽ اسپتال بند پئي آهي اهي ٻئي افتتاح سنڌ حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ ڪيا ويا هئا پر مقامي ماڻهو ٻنهي پروجيڪٽن مان لاب حاصل نه ڪري سگهيا ۽ اڄ تائين انتظار ۾ ويٺل آهن ته ڪڏهن ٿا اهي مڪمل ٿين ۽ کين فائدو رسي سگهي.

بقايا سنڌيار 02

جاکرو، ڳوٺ سائينشون جاکرو، ڳوٺ ڏني بخش جاکرو، ڳوٺ علي خان جاکرو ۽ ٻين ڳوٺن جي ڪيترن ئي رهواسين ڪوهستاني انور جاکرو، عمر برفت، بابوجان پالاري، محمد جمن، سليم، ڪانڊيرو، مينهن وسايو، واحد، بشو جان محمد، حاجي عثمان، قادربخش جاکرو ۽ ٻين ڏاهيندي چيو آهي سندن ڪوهستاني ڳوٺن پرسان بااثر ماڻهن سندن زمين تي قبضا ڪري پنهنجا هٿياربند ماڻهون ويهاري سندن رستا بند ڪرائي ڇڏيا آهن. بااثر ماڻهون هاڻي هاشم قبرستان تي قبضي جون ڪوششون ڪري ٽريڪٽر ذريعي پٿا ڏياري چوديواري ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جنهن سبب سندن ڳوٺ، پيئڻ جي پاڻي جا تلاءَ، اسڪول، مسجد ۽ مدرسا سخت متاثر ٿيندا. هنن چيو هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت سندن گهيرو تنگ ڪيو پيو وڃي، جيئن مجبور ٿي مقامي ڳوٺاڻا لڏپلاڻ ڪري وڃن. هنن چيو اسان پنهنجا ابا ڪک توڙي پنهنجا ڳوٺ ڪنهن صورت ۾ نه ڇڏينداسين. هنن ڊي سي ٺٽو سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ساڻن انصاف ڪري سندن ڳوٺن، زمينن، قبرستان، اسڪولن، مدرسن ۽ پيئڻ جي پاڻي جي تلائن تي ٿيندڙ غيرقانوني قبضا خالي ڪرائي بااثر قبضاگيرن خلاف ڪاروائي ڪري کين جيئڻ جو حق ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

يونينز جي اڳواڻن. ليبر اسٽاف يونين جي علي مردان شيخ، عبدالرشيد شاهه، ضلعي ڪائونسل ايمپلائيز يونين جي مجيد جسڪاڻي، ريوائي يونين جي نعمت الله قاضي، واپڊا يونين جو دادا ديدار حسين، ايريگيشن يونين جو خادم حسين ڪوسو، سوئي گيس يونين جو خادم حسين شيخ، روينيو ڊپارٽمينٽ يونين جو امير علي شيخ، اپڪا يونين جو طاهر مغل، پيرا ميڊيڪل، ايجوڪيشن يونين جي محمد پنهور مهر ۽ ٻين ٽريڊ يونين اڳواڻن شرڪت ڪئي. جنهن ۾ ملڪي صورتحال، وڌندڙ مهانگائي، مزدورن سان ناانصافين، حڪومت ۽ آفيسرن جي عوام دشمن فيصلن سميت ٻين تنظيمي معاملن تي تفصيلي ۽ اهم خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته هن وقت ملڪ ۾ سرڪاري ملازمن سان زيادتي ٿي رهي آهي. وفاقي ادارا هجن يا صوبائي ادارا. سمورن ڪاتن ۾ پورهيتن سان ظلم ۽ زيادتي ۾ اضافو ٿي ويو آهي. مزدورن سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف سيني کي گڏجي وڙهڻو پوندو ۽ اسان سڀ گڏجي انهن مزدور دشمن فيصلن خلاف وڙهنداسين. سنڌ ۾ بدامني، بيروزگاري، مهانگائي سميت پورهيتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۽ ظلمن خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويندو ملڪ متحده ۽ منظم انداز ۾ ۽ ملڪ جي ادارن ۾ آفيسرن پاران ڪيل ڪرپشن جي خلاف به ڀرپور جدوجهد ڪندا ته جيئن ملڪ جا ادارا ترقيءَ طرف گامزن ٿي سگهن. ادارا مضبوط ٿين ته پوءِ ملڪ جي ترقي مزدورن کي پنهنجا حق ملندا. شرڪت ڪندڙن پاڪستان مزدور اتحاد جي پليٽ فارم تان اجلاس ۾ ڪيل فيصلن ۽ پنهنجن مزدور پائرن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ڪيو.

بقايا سنڌيار 04

منارٽي ونگ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون ۽ ڏياري جي موقعي تي ملي ۾ جلسو ان جو ثبوت آهي. ان موقعي تي راجڪمار وڌواڻي پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي درخواست ڪئي ته ٿرهان ڏياري جي موقعي تي سکر ۾ به هندو برادري جو جلسو منعقد ڪريو ۽ سکر سميت پوري سنڌ جي هندو برادري سان گڏ ڏياري ڏڻ ملهايو جنهن تي پارٽي چيئرمين کين يقين ڏياريو ته ڏياري ڏڻ ملهائڻ سان گڏ هندو برادري جي مسئلن کي به ترجيح بنيادن تي حل ڪيو ويندو. کين ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيو ويندو. پيپلزپارٽي سموري سنڌ جي اقليتن جي نمائندگي آواز آهي. هوڏانهن سيد ثائر علي شاهه سيد خورشيد احمد شاهه وقار مهدي سيد ناصر حسين شاهه سيد اويس قادر شاهه سيد ڪميل حيدر شاهه ڊاڪٽر ارشد مغل پڻ هندو برادري کي ديوالي جون ڪوڙ ساريون مبارڪون ڏنيون آهن.

بقايا سنڌيار 05

ڪري پيرسن عورت جهيڙي ۾ تشدد ۽ صدمي ۾ فوت ٿي آهي ذميوارن خلاف ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪيو وڃي مطالبو خبر موجب نڪرانو جي مهتر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ فصل ۾ پاڻي ڇوڙ ڪرڻ واري معاملي تان ٿيل جهيڙي ۾ مبينا تشدد ۽ صدمي ۾ پيرسن عورت هوران مهتر فوت ٿي وئي جنهن سبب وارثن لاش رکي مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو هڻي مبارڪپور ٿاڻي جي ايس ايڇ او خلاف نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙن امام علي مهتر محمد زمان الطاف قربان ۽ ٻين ڏانهيندي الزام لڳايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ سارين جي فصل ۾ پاڻي ڇوڙ واري معاملي تان شروع ٿيل چڪتاڻ سبب جهيڙا ٿيا هئا جنهن ۾ جوابدارن لياقت علي الهداد جميل ۽ ٻين جي تشدد ۾ پيرسن عورت زخمي ٿي پئي هئي جهيڙي ۾ ٻنهي ڌرين جا مرد توڙي عورتون زخمي ٿي پيا هئا جنهن سبب پيرسن عورت تشدد ۽ صدمي ۾ فوت ٿي آهي احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري انصاف ڏنو وڃي ٻي پاسي الزام هيٺ آيل ڌرجي لياقت مهتر رابطي تي ٻڌايو آهي ته فوت ٿيل عورت بيمار هئي جنهن تي اسان ڪوبه تشدد ناهي ڪيو الزام بي بنياد آهن هوڏانهن ايس ايڇ او مبارڪپور رابطي تي ٻڌايو آهي زخمي عورتن ۽ مردن کي ليٽر ڏنو هو فوتي عورت تي تشدد ناهي ٿيل جيئن ئي ميڊيڪل آيو جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 06

پاران آپگهات جو سبب دماغي توازن خراب هجڻ جي ڪري پنهنجي مٿان پستل جو فائر ڪري زخمي ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 07

اڳي جو ڏينهن آهي جيڪو هن مهل تائين ملهايو پيو وڃي اهو ڏينهن لڪشمي ديوي ۽ وشنو ڀڳوان جي شادي جو ڏينهن آهي اهو ڏينهن وسڪاري جي موسم بدلجڻ ۽ نون فصلن جي لهڻ جو ڏينهن آهي. هن ٻڌايو ته ڏياري جي ڏينهن ٻاجهر يا جوئر جا ڪانا ڪٽي انهن جي هڪ پاسي ڪپڙو ٻڌي ان تي تيل هاري ٻاري هٿن ۾ کڻي چيو ويندو آهي ڏياري هڪ قديمي رسم آهي جيڪا نه صرف هندن جو تهوار آهي پر دنيا جي عام پورهيت هاري مزدور ۽ عالم انسانيت کي موسم بدلجڻ جو تهوار آهي

بقايا سنڌيار 08

سي رڳو ڪوڙا دلاسا پيا ڏين اڄ اسان جو احتجاج پگهار ملڻ تائين جاري رهندو. مولا

بخش، ڪشن راجا، نويد ٽگڙ، اسان سڀاڻي کان وٺي شهر جي صفائي نه ڪنداسين ڀلي شهر ٻڏي ذميوار آفيسر هوندا ملازم ڊي سي آفيس ۾ موجود نه هجڻ ڪري اي ڊي سي ملازمن کان احتجاج ختم ڪرڻ لاءِ پهتو. ملازمن پاران چيڪ نه ملڻ تائين جاري رکڻ جو اعلان ڪيو

بقايا سنڌيار 09

ڪندي ڏانهيو آهي ته مون 33 سال جيل پوليس ۾ ڊيوٽي ڪئي آهي. ڊيوٽي دوران معذور ٿيڻ بعد مونکي جبري طور تي سال 2010 ۾ رٽائر ڪيو ويو. ليڪن مونکي مڪمل طور تي جبري رٽائرمينٽ جون مراعتون ناهن فراهم ڪيون ويون. احتجاج ڪندڙ پوليس اهڪار نيڪ محمد جو وڌيڪ چوڻ هو ته آئون مسڪين ماڻهو آهيان. گهر ۾ ڪمائڻ وارو به ٻيو ڪو ناهي. جيل پوليس جي عملدارن پاران جبري طور تي رٽائر ڪرڻ بعد مڪمل مراعتون نه ڏئي مون سان وڏي نا انصافي ڪئي آهي. احتجاج ڪندڙ پوليس اهلڪار نيڪ محمد ملڪ جيل پوليس جي اعلي عملدارن کان انصاف جي گهر ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته فوري تي جبري رٽائر ڪرڻ جو مراعتون فراهم ڪري مونکي انصاف فراهم ڪيو وڃي . ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

بقايا سنڌيار 10

تي ڇاپا هڻي 6530 ليٽر ديسي شراب برآمد ڪري مٿس منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو آهي، جڏهن ته گذريل رات دير سان هاشم ڪالوني ۾ قائم اسلم ڪوسي جي ڪچي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي 7840 ليٽر ڪچو شراب هٽ ڪري مٿس منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او جهڏو " مقصود احمد چنا " چيو ته ڇاپايل جوابدارن هندن جي مذهبي تهوار ڏياري لاءِ وڏي مقدار ۾ موتمار ديسي شراب تيار ڪري شهر ۾ وڪرو ڪرڻو هو. اسان ايس ايس پي ميرپورخاص جناب عادل ميمڻ جي هدايتن تي ڇاپا هڻي ديشي شراب برآمد ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري مٿس منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا آهن. هن چيو ته جهڏو ۾ هر قسم جي منشيات جي خاتمي لاءِ ڪوششون جاري آهن منشيات جهڙي زهريلي ڪاروبار جي پاڙ پٽڻ لاءِ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪري جهڏو کي منشيات کان پاڪ ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 11

جي باوجود به سول اسپتال جو قبلو درست ناهي ٿيو سول اسپتال جتي پنجاب، بلوچستان ۽ اندرون سنڌ سان مريضن جو وڏو انگ علاج معالجي جي لاءِ ايندو آهي. پر سهولتن جي کوٽ جي ڪري انهن جو علاج ٿيڻ جي بجاءِ انهن جي بيماري ۾ اضافو ٿي ويندو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ايس ڊي اي اڳواڻن مولانا عبيدالله ڀٽو، غلام مصطفي قلبوٽو، علامه نوراحمد قاسمي، آغا طاهر مغل، عيدن جاگيراڻي، شاهه محمد انيهڙ، محمد رضوان قادري، شهزادو ڀٽو، شڪيل قريشي، بابو مهر، آغا محمد اڪرم دراني، حافظ محمد شريف ڏاڏا، محمد منير ميمڻ، عبدالباري انصاري، ڊاڪٽر سعيد اعوان، امداد جهنڊير، انيس خان، ڏاڏو ابڙو، فقير رمضان ڪورائي، سيد ڪاشف شاهه، سليم جاگيراڻي ۽ ٻين سان ڳالهه ٻولهه جي دوران ڪيو. حاجي محمد جاويد ميمڻ جو وڌيڪ چوڻ هو ته سول اسپتال ۾ ٽيسٽ جو تمام مشينون الٽرا سائونڊ، ايم آر ۽ ٻيون خراب پيون آهن. جيتري تائين ليبارٽري ٽيسٽ جي لاءِ به مريض پرائيوٽ ليبارٽرين مان پنهنجي ٽيسٽ ڪرائي رهيا آهن. دوائون دستياب ناهن. ۽ ڊاڪٽر دوائن جا وڏا وڏا پرچا مريضن کي ڏين ٿا جيڪي ٻاهران جي اسٽورن کان خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. ڪيترن ئي شعبن جا اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن جي کوٽ آهي. جيڪي اسپيشلسٽ ڊاڪٽر موجود به آهن ته اهي سول اسپتال ۾ ٽائم گهٽ ڏين ٿا ۽ پنهنجي پرائيوٽ ميڊيڪل سينٽرن تي مڪمل ٽائيم ڏيئي مريضن جي کل به لاٿي ڇڏين ٿا. مهانگائي جي هن طوفان جي اندر جتي غريب ۽ متوسط طبقو ٻن وقتن جي ماني حاصل ڪرڻ جي لاءِ به دربدر آهي اتي هو پنهنجو علاج معالجو ڪٿان ڪرائي سگهي ٿو. جنهن جي لاءِ هڪ ئي روشني جي اميد سول اسپتال آهي پر اتي انهن جو علاج ٿيڻ جي بجاءِ انهن کي ڌڪا ڏيئي ڪڍيو ويندو آهي اهيو تمام وڏو الميو آهي ته اسان جا حڪمران فري تعليم ، فري صحت جا نعرا ته تمام گهڻا هڻندا آهن پر عملي ڪم زيرو آهي. سکر جا ڪرتا ڌرتا رڳو ووٽ جي لاءِ عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام رهيا آهن. سکر شهر جا سڀئي ڪاتا رڳو بااثر ماڻهن کي سهولتون ڏيئي رهيا آهن پر عام ماڻهو پريشانين جو شڪار آهي. جيڪڏهن سول اسپتال جو قبلو درست نه ڪيو ويو ته سکر ڊيولپمينٽ الائنس ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلائيندي.

بقايا سنڌيار 12

گنج وٽ بيدردي سان قتل ٿيل رياض ملاح جي قتل ڪيس ۾ ملوث ٻئي قاتل جوابدار سهيل جاکرو کي پڻ گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن اڃان هڪ جوابدار غلام حسين ڪنڀار روپوش آهي. جنهن جي گرفتارين لاءِ پوليس پاران ڇاپن جو سلسلو جاري آهي. جڏهن ته امير ڪنڀار کي پوليس ٻهرين ڏينهن تي ئي گرفتار ڪري ورتو هو. پوليس رياض ملاح قتل ڪيس ۾ هن وقت تائين 2 جوابدارن امير ڪنڀار ۽ سهيل جاکرو کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن مک جولدار غلام حسين ڪنڀار اڃان تائين گرفتار ٿي ناهي سگهيو

بقايا سنڌيار 13

، بوڪ اڪيڊمي نيوز پيپر ايجنسي، الفتاح نيوز ايجنسي ۽ مشتاق نيوز ايجنسي سميت مختلف اخبارن جي اسٽالن جو دورو ڪري سکر جي اخبارن ۽ ڊائجيسٽ جي سرڪيوليشن بابت جاڻ ورتي جنهن جي رپورٽ ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز ڪراچي کي موڪلي ويندي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر سکر جهانگير خان ابڙو چيو ته سنڌ حڪومت جو ان بابت واضح حڪم آهي ته ويب چينلز ۽ ويب اخبارن جو ڪو به مستقبل ناهي ۽ نه ئي کين ڪا سهولت فراهم ڪئي وڃي ان سلسلي ۾ هن سمورن پريس ڪلبن جي صدرن ۽ صحافتي تنظيمن جي عهديدارن کي پنهنجو صحافتي فرض نڀائڻ لا زور ڀريندي چيو آهي ته ڊويزن جي سمورن ويب اخبارن ۽ ويب چينلن جي صحافين کي فوري طور تي پنهنجن عهدن تان هٽائين ته جيئن حقيقي صحافين کي سندن حق ملي سگهن

بقايا سنڌيار 14

نگر ۾ ان وقت نامعلوم هٿيار بند نامعلوم جوابدار ماستر محمد بچل خاصخيلي جي گهر ۾ گهڙي آيا جنهن مهل هو پنهنجي نياڻي جي نڪاح ڪانپوءِ رخصتي ڪري رهيو هو ته ٽي نامعلوم هٿيار بند زوري گهر ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي ماستر محمد بچل خاصخيلي جي سمورن گهر ڀاتين سميت شادي ۾ آيل مهمانن کي يرغمال بڻائي سندس نياڻي جو لکين روپين جو ڏيج جي سامان ۽ نقدي سميت مهمانن کان لکين روپين جي ڦر جنهن ۾ عورتن جا زيور روڪ رقم پڻ شامل آهن ڪري ڀڄي ويا اهڙو اطلاع بدين پوليس کي ڏنو ويو پوليس پهچي معائنو ڪرڻ بعد رواني ٿي وئي ۽ نامعلوم جوابدارن خلاف ستي ٿاڻي بدين تي اين سي داخل ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي گهر ڌڻي ماستر بچل خاصخيلي ٻڌايو ته سندس نياڻي جي شادي اڄ ٿي هئي جنهن جي رخصتي کان هڪدم پوءِ ٽي هٿيار بند گهڙي آيا ۽ گهر ڀاتين سميت مهمانن کي به يرغمال بڻائي ورتو ۽ گهر ۾ پيل سندس نياڻي جي ڏاج جو سامان روڪ رقم سميت مهمانن کان به ڦر ڪري ڀڄي ويا هن آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي بدين کان جوابدارن جي گرفتاري ۽ نياڻي جو ڏيج جو سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 15

ملاح جي اڳواڻي ۾ ڪري سخت نعريبازي ڪندي چيو رياض ملاح جا رهيل قاتل جوابدار نئو پوليس اڃان تائين گرفتار ڪري ناهي سگهي، جنهن سبب ڪيتراڻي خدشا جنم وٺي رهيا آهن. هنن گهر ڪئي ته فورن نوجوان رياض ملاح جا رهيل سمورا جوابدار گرفتار ڪري کين سخت سزائون ڏياري رياض ملاح جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 16

۾ هارڊ ايريا جو جواز ٻڌائي پنهنجا نوازي ڪندي 33 کان گهٽ مارڪن ڪڍندڙ اميدوارن کي استاد طور ڀرتي ڪيا هئا. جڏهن اسان 33 کان 39 مارڪون ڪڍندڙ مسلسل ٻن سالن کان احتجاج ڪري رهيا آهيون پر حق نه پيو ڏنو وڃي.

هنن چيو ته اسان جي ڪيس جي حاضري ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ هاڻ 15 نومبر 2023 تي رکيل آهي ان لاءِ اسين جج صاحبان کي پرزور اپيل ۽ مطالبو ڪيون ٿا ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ اسان کي به هڪ سنڌ هڪ پاليسي تحت 33 تي پاس ڪيو وڃي. هنن نگران حڪومت کان مطالبو ڪيو ته Pst ۽ Jest جي پرتين تان پابندي هٽائي برابري جي بنياد تي پوري سنڌ جي اميدوارن کي 33 مارڪن تي پاس ڪري سنڌ جا بند پيل هزارين اسڪول ڪولي آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن.

بقايا سنڌيار 17

بٺيل، فرنيچر سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ، سردي واري موسم اچڻ بعد تعليمي عمل سخت متاثر، تفصيل موجب ڏڙو ۽ پرياسي جي 8 يوسيز ۾ تعليم کاتي جي لاپرواهي سبب 40 کان مٿي پرائمري اسڪول، مڊل اسڪول، هاءِ اسڪول ۽ هايرسيڪنڊري اسڪولن جون عمارتون زبون حال بڻيل ۽ مرمتي ڪم اڌ ۾ رهيل. ٽائون ڪميٽي ڏڙو سميت يوسي خانپور، يوسي ٻنون، يوسي بچل گگو، يوسي لاکپور، يوسي ڪندور، يوسي حسين پور، يوسي مراد پور، يوسي اڪبر شاهه ۾ قائم اسڪولي عمارتن جي گذريل ڪيترن سالن کان مرمت ٿي نه سگهي، جڏهن پرائمري اسڪول صفر شيدي، پرائمري اسڪول عمر منچري، پرائمري اسڪول علي مير شاهه، پرائمري اسڪول رمضان سومرو، پرائمري اسڪول سومار ميربحر، پرائمري اسڪول پير محمد پنهور، پرائمري اسڪول جمعون ڪوڪر، مڊل اسڪول ڪانڌڙا، پرائمري اسڪول ڪنڊاڙو، پرائمري اسڪول رتو لاشاري، هاءِ اسڪول ابڙال، گرلز مڊل اسڪول ٻنون، گرلز هائرسيڪنڊري اسڪول ڏڙو سميت 40 کان مٿي اسڪولن جون عمارتون زبون حال بڻيل.

بقايا سنڌيار 18

جهوپڙي ۾ قائم. ڏڙو پرسان ڳوٺ جاڙو ڪنڊاڙو ۾ قائم پرائمري اسڪول جي عمارت ڪيترن سالن کان مرمت نه ٿيڻ ڪري زبون حال بڻجڻ کان پوءِ ناڪارا بڻجي وئي، پرائمري اسڪول جي ڪمرن ۽ ورانڊي جي ڇت ڍهي پٽ پئجي وئي پٿين ۾ ڏار پئجي ويا. اسڪول ۾ تدريسي عمل سالن کان بند پيل. استاد ۽ ڳوٺاڻن عمارت پرسان جهوپڙي اڏي تدريسي عمل شروع ڪري ڇڏيو. سخت گرمي ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب شاگردن جي تعليم سخت متاثر. ان ڏس ۾ پرائمري اسڪول جاڙو ڪنڊاڙو ۾ مقرر استاد ميڊيا کي ٻڌايو ته اسڪول ۾ مقرري کان پوءِ 8 مهينن کان جهوپڙي ۾ اسڪول هلائي رهيو آهيان. هن چيو ته اسڪول جي عمارت نه هجڻ ڪري اسڪول بند پيل هو. هن وقت 25 ٻار اسڪول ۾ داخل آهن جن کي تعليم ڏئي رهيو آهيان. هتان جي ڳوٺاڻن ۽ پرائمري اسڪول جي استاد سنڌ حڪومت صوبائي وزير تعليم، سجاول جي ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي. ته ڳوٺ جاڙو ڪنڊاڙو ۾ پرائمري اسڪول جي بلڊنگ ٺهرائي ڏني وڃي، ته جيئن قوم جا معمار بهتر طريقي سان تعليم حاصل ڪري سگهن.

بقايا سنڌيار 19

2023 تي بولان ميل مسافر ريل گاڏي هلائي ويندي ريلوي اختيارين جي ذريعن سان معلوم ٿيو آهي سيتا سرجڻهار فورم پاران ايم ايل 2 تي ٽرينن جي بحالي لاءِ 10 مهينن کان هلندڙ ڏکهي جدوجهد جي نتيجي ۾ 20 جولاءِ تي موئن جو دڙو ايڪسپريس جي بحالي ڪانپوءِ نگران ريلوي وزير 25 ڊسمبر 2023 تي بولان ميل به بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. جدوجهد جي باني مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ اڄ 284 ڏينهن ۾ سيتارو ريلوي ڦاٽڪ وٽ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ پروفيسر غلام مصطفيٰ سمون، غلام حسين ملڪ، غلام سرور لاکو، احسان علي سومرو، شهزاد علي ميمڻ، سرتاج سومرو، ذوالفقار علي جانوري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. ان موقعي تي جدوجهد جي سرواڻ مشهور ميمڻ چيو ته ايم ايل 2 تي 20 جولاءِ 2023 تي موئن جو دڙو ايڪسپريس روهڙي کان ڪوٽڙي تائين بحال ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي 25 ڊسمبر تي هڪ وڌيڪ ٽرين بولان ميل به بحال ٿيندي مشهور ميمڻ وڌيڪ چيو ته بولان ميل هلڻ بعد به باقي مسافر ريل گاڏين جي بحالي تائين جدوجهد جاري رهندي.

بقايا سنڌيار 20

۾ شرڪت ڪئي احتجاج ۾ ميونسپل نوشهروفيروز، ٽائون ڪاميٽي ملياڻي، ٽائون ڪاميٽي پريا، ٽائون ڪاميٽي پريا روڊ، ٽائون ڪاميٽي پڊعيدن، ٽائون ڪاميٽي دريان خان مري، ڪنڊيارو جي يونين اڳواڻن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي. احتجاج جي اڳواڻي ڪشن راجا، نويد ٽگڙ، مولابخش شيخ، منظور ملڪ، عمران راڄپر، قمر منگي، ممتاز ڪيريو، عدنان ميمڻ، راجه ڪيريو، ستار منگي، محبوب شيخ ۽ ٻين ڪئي ۽ احتجاج جاري رکيو. ان موقعي سياسي سماجي سوشل ورڪرز ۽ مختلف ڪاتن جي يونين اڳواڻن جن ۾ فود ايمپلائيز يونين جي اڳواڻ يونس راڄپر، پورهيت اڳواڻ مسرور چانڊيو، شهري ايڪشن ڪاميٽي نوشهروفيروز جي اڳواڻ ماهنور شيخ، رياض مهر، اسڪارپ ايريگيشن يونين اڳواڻ امجد جامي ٽگڙ، شاهنواز عمراڻي ڪائونسلر ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز سيني سياسي سماجي اڳواڻن سومر جي ڏينهن ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻبو ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جي ملازمن جون ٽن مهينن کان پگهارون پينشن نه ملي سگهيون آهن ملازم فاڪا ڪشي گذارڻ تي مجبور مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري راجا ڪشن لعل، جنرل سيڪريٽري نويد احمد ٽگڙ، ضلعي صدر مولا بخش شيخ، ضلع اڳواڻ محبوب شيخ، غلام نبي شيخ، ضلع اڳواڻ منظور ملڪ، عمران راڄپر، غلام علي، سني لعل، احتجاج ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز کان پريس ڪلب تائين ريڪاڊ ڪرايو ۽ انتظاميه کان اپيل ڪئي آهي ته ملازمن جون جلد کان جلد پگهارون ڪيون وڃن. ملازمن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي، آخر ۾ ملازمن پاران پگهارون ملڻ تائين ڪم ڇڏ هڙتال جو اعلان ڪيو

بقايا سنڌيار 21

هزار ڏيا ٻاري مندر کي روشن ڪيو ويو مندر جي ڪنوار جيئان سينگاريو ويو ۽ هر طرف ڏيا ٻاري روشن ڪيو ويو هندو برادري مندرن توڙي گهرن ۾ پوڄا پاٺ ڪري ملڪ جي سلامتي لاءِ پراٿنائون ڪيون ويون. جنهن بعد مردن توڙي عورتن ۽ ٻارڙن ڦٽاڪا وڄايا خوشي جو اظهار ڪيو ويو. ان موقعي تي مندر جي گادي نشين شري رام ناٿ مهاراج ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هر سال جيئان هن سال به ڏياري جي تهوار تي مندر ۾ پنج هزار ڏيا ٻاريا ويا آهن. ۽ پوري ڪراچي جي ڪند ڪڙڇ مان هندو برادري هت پهچي پوڄا پاٺ ڪري ڏياري جون خوشيون ملهائي رهيا آهن. وڌيڪ مهاراج شري رام ناٿ چيو ته اڄوڪي ڏياري جي موقعي تي مختلف مذهبي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي. جتي آيل مهمانن کي اجرڪون ۽ گلدستا پيش ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 22

شهرين اعجاز اختر ميمڻ، امداد ميمڻ، علي رضا ڪچي، ماما منٺار دايو، نواز سومرو، اسلم سومرو، وفا چندن لاشاري ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته ڪيترن ئي اسڪولن جي عمارتن جو مرمتي ڪم اڌ ۾ رهيل آهي. اسڪولن ۾ فرنيچر سميت بنيادي سهولتن جي به کوٽ آهي. جنهن سبب شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته سمورن اسڪولن جون عمارتون تعمير ڪرائي ٻارن جو مستقبل بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

منعقد ڪئي وئي جنهن جي صدارت غازي سيد محمد پريل شاهه بخاري، مولانا عبدالحميد لنڊ، سني رابطا ڪميٽي سکر ڊويزن جي صدر مولانا عبدالله قلبوٽو، لاڙڪاڻي جي ضلعي اڳواڻ حافظ محمد يوسف ٽنيو، حيدرآباد جي ضلعي اڳواڻ مولانا عبدالرحمٰن صديقي مولانا عبدالرشيد ناريجو، مولانا محمد اسماعيل بروهي ، مولانا وارث علي حيدري، مولانا عبدالجبار فاروقي، مولانا غلام قادر الرو، مولانا محمد ياسين حيدري، مولانا غلام الله خان حيدري، مولانا عبدالرب لنڊ، حافظ عبدالغني ، مولانا محمد هارون قاسمي، حافظ غلام الله پنهور، مولانا فيض الرحمان، مولانا غلام عباس ناريجو، غلام عباس خاصخيلي، عبدالحميد ڪناسرو، طالب حسين چنا، ذاڪر حسين سمنگ، ۽ ٻين پارٽي جي عهديدارن، سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ اديبن، واپاري اڳواڻن شرڪت ۽ خطاب ڪيو. ان موقعي تي ڪانفرنس ۾ سني

رابطہ ڪميٽي جي اڳواڻن پاران فرقيوارائي فسادن جي سازشن خلاف ڪردار پيش ڪري ٺهراءَ پاس ڪيو ويو جڏهن ته ان موقعي تي اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اسرائيل پاران فلسطيني مسلمانن خلاف جاري جنگ ۾ عام شهرين مٿان بمباري ڪري مسلمانن جي نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي جيڪا ناقابلي برداشت آهي هنن چيو ته شهرين مٿان بمباري عالمي دهشتگردي آهي جنهن کي روڪرايو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۾ گستاخانه مجلسن ۽ جلوسن تي پابندي لڳائي وڃي ۽ فرقيوارائي فسادن ۾ ملوث ڪردارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻي کين قانون مطابق سزا ڏني وڃي هنن چيو ته 13 محرم الحرام تي توهين رسالت صه ۽ توهين اهلبيت رضه ڪئي وئي جنهن سان مسلمانن جي دل آزاري ٿي آهي هنن چيو ته اهلسنت آبادي کان هڪ نئون غير قانوني جلوس ڪڍيو ويو جيڪا . ضابطي اخلاق جي خلاف ورزي هئڻ باوجود ضلعي انتظاميا ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي جيڪو ضلعي انتظاميا جي جانبداري ثبوت آهي . ان موقعي تي هنن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، سنڌ هاءِ ڪورٽ، سنڌ جي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي فوري طور تي ملوث عنصرن کي گرفتار ڪري کين قانون مطابق سزائون ڏنيون وڃن. ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ خيرپور انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا ۽ سڄي سنڌ ۾ جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪئي ويندي ۽ ان کان علاوه فاروق اعظم چوڪ خيرپور تي بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪئي ويندي جنهن جي سموري ذميواري ايس ايس پي خيرپور سميع الله سومرو تي هوندي

بقايا سنڌيار 24

ويلفيئر، اتحاد ۽ وڪيلن جي آواز کي سگهارو ڪرڻ سان گڏ قوم جي ڏتڙيل پيڙهيل ۽ جبر کان هيسايل ۽ ڏيڃاريل ماڻهن اندر قانون جي ڄاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ آئي ۽ ويل بي لوث ۽ غرض قانوني سهائتا ڪري منجهن خود اعتمادي ۽ خود شناسي پيدا ڪري. سندن مورال بلند ڪرڻ جي ڏس ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ پنهنجي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو. ڳالهائيندڙن ۽ راءِ جو اظهار ڪندڙن ۾ ايڊوڪيٽ امتياز بروهي، ايڊوڪيٽ رضوان راڄپر، ايڊوڪيٽ فداحسين دروان، ايڊوڪيٽ عابد جوڻيجو، ايڊوڪيٽ اويس ڪورائي ۽ ٻيا ايڊوڪيٽ ساٿي شامل هئا.

بقايا سنڌيار 25

تي سندس وارثن جو چوڻ هو ته نوجوان ڪوٽڙي کان روهڙي ويندڙ موئن جو دڙو مسافر ريل گاڏي ۾ سوار هو جيڪو قلجي اسٽيشن تي ريل گاڏي بيهڻ وقت لٿو ۽ وري ريل گاڏي ۾ چڙهندي سندس پير ترڪي ويو ۽ هو ريل گاڏي هيٺان اچي ويو جنهن کي قلجي اسٽيشن جي سماجي ڪارڪنن ۽ شهرين جي مدد سان سندس ڳوٺ روانو ڪيو ويو جيڪو سيتارو جو رهواسي ٻڌايو وڃي پيو

بقايا سنڌيار 26

بار لاڙڪاڻو جي جنرل سيڪريٽري امداد حسين سومرو، ايڊووڪيٽ امان الله لهر، ايڊووڪيٽ گل محمد پناڻ سميت ٻين وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي محمد اياز سومرو لائرس ڪاميٽي جي چيئرمين ايڊووڪيٽ محمد رياض سومرو چيو ته اسان جي اڄوڪي اجلاس جو اهو مقصد آهي ته ايندڙ اليڪشن ۾ اسان جي ڪاميٽي صوبائي ۽ قومي اسيمبلي تي پارٽي تان بيٺل اميدوارن جي قانوني مدد ڪئي ويندي. ان سان گڏ وڪيلن جا پئنل ناهي ايم پي اي ۽ ايم اين اي جي ڪورٽن ۾ متوقع پٽيشنون داخل ڪرڻ ۽ انهن خلاف غيرقانوني ڪيسن ۾ قانوني مدد ڪئي ويندي تنهن ڪري محمد اياز سومرو لائيرس ڪاميٽي پاران 15 وڪيل تي مشتمل ڪاميٽي جوڙي وئي آهي اجلاس ۾ محمد اياز سومرو جي ڪيل خدمتن کي پڻ ساراهيو ويو

بقايا سنڌيار 27

آهي، ان سلسلي کي جاري رکندي ڳوٺ ٻيرو پنهور ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ ڊاڪٽر شادي خان ڪيڙو، مريضن کي چڪاسيو ۽ انهن کي مفت دوائون ڏنيون. مخدوم بلاول ويلفيئر ٽيم جي قربان شهباز پنهور، علي جان لغاري، عبدالستار برهماڻي، احسان علي مري ڪئمپ تي خدمتون سرانجام ڏنيون. ٽوٽل 307 مريضن کي چڪاسيو ويو. مليريا، وڏي کنگ، وڏو بخار، سائي، جهٽڪي، نمونيا، گردن ٽوڙ بخار جا مريض ڪئمپ ۾ علاج حاصل ڪرڻ لاءِ آيا جن کي علاج بعد مفت دوائون ڏنيون ويون.

بقايا سنڌيار 28

حسين منگريو ۽ ٻين ٻڌايو ته سنڌ مان اغوا ۽ گم ڪيل سنڌ واسين جي بازيابي لاءِ لڳاتار جدوجهد جي شروعات راٺيپور جي باشعور عوام پاران 06 سيپٽمبر کان ٿي جيڪا راٺيپور ۾ مسلسل 26 ڏينهن گذرڻ بعد راٺيپور کان سکر تائين پيادل مارچ ڪري سکر پريس ڪلب آڏو 24 ڪلاڪ لڳاتار احتجاجي ڪئمپ لڳائي جدوجهد کي جاري رکيو ويو آهي ان اٽڪ مستقل جدوجهد کي اڄ 69 ڏينهن گذري چڪا آهن پر حڪومت جي ڪنهن به اداري نوٽيس ناهي ورتو جيڪو انتهائي افسوسناڪ عمل آهي مغوين جي گهرن ۾ پائيتال مثل آهي پر سرڪار خاموش آهي پوليس اگهور ننڊ ستل آهي مير، پير، پوتار ۽ سردار مغوين جي پنگ ۾ پاڳي پائيوار آهن ان ڪري ادارا خاموش تماشائي بڻيل آهن مغوي علي اصغر جي پيءُ زاهد منگريو ٻڌايو ته معصوم علي اصغر جي اغوا ۾ شڪارپور جو چڱو مڙس وڏيرو سعيد منگريو، PDSp خالد منگريو، جنيد منگريو ۽ منظور منگريو ملوث آهن پوليس مٿن هٿ نه ٿي رجهي هنن چيف آف آرمي اسٽاف، چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان ازخود نوٽس وٺڻ ۽ مقامي ۽ عالمي انساني حقن لاءِ جاکوڙ ڪندڙ ادارن کي اپيل ڪئي ته سنڌ مان اغوا ۽ گم ڪيل پريا ڪماري، علي اصغر مگريو، اسلام دين سومرو، ۽ علي حسن ميمڻ سميت سيني مغوين کي بازياب ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن احتجاجي ڪئمپ تي ڪنڌڙا کان آيل سوشل ورڪر سجاد جاگيراڻي، وڏا بوزدار کان آيل مکي اشيور لال ۽ ايڊوڪيٽ جٿي ڪمار شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پريا ڪماري سميت سيني اغوا ڪيلن کي بازياب ڪرائڻ لاءِ ٺڪڙا قدم کنيا وڃن جيئن متاثر خاندان جي بي چيني ختم ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 29

واشروم جي سهولت به ناهي ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسڪول جو هيڊ ماستر رستم علي وساڻ به هن ڳوٺ جو آهي جنهن پنهنجي گهر جي ديوار اسڪول جي حد ۾ ڏئي ڇڏي آهي ۽ پنهنجي گهرجي گندي پاڻي جو نيڪر به اسڪول ۾ ڏئي ڇڏيو آهي جنهن سبب وبائي بيماريون پيدا ٿيڻ ڪري معصوم ٻار کنگهه، مليريا، بخار، زڪام سميت ڪيترين ئي بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. اسڪول ۾ فرنيچر جي کوٽ سان گڏ بلڊنگ زبون حال آهي ڳوٺ حاجي ارباب علي وساڻ جي ڳوٺاڻن احتجاج ڪندڙن جنهن ۾ وڏيرو عبدالعزيز وساڻ، وڏيرو شفيق احمد، مشتاق احمد ، وڏيرو عطاء الله وساڻ ،وڏيرو اسدالله، رياض حسين، عبيد الله، عبدالمجيد، عبدالقدير، عاشق حسين، محمد حنيف، اختيار احمد، محمد اسماعيل، طاهر حسين ، علي محمد، علي ڏنو وساڻ سميت ٻين ڳوٺاڻن مطالبو ڪندي چيو ته اسان اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ٿا ڪيون. سيڪريٽري تعليم سنڌ ، ڊي اي او تعليم خيرپور ڊي سي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪيون ته ڳوٺ حاجي ارباب علي وساڻ جي اسڪول کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا سنڌيار 30

ڪوهستاني پريس ڪلب غلام الله جي عهديدارن ميمبرن باني پيرل پياسي صلاح بابو جان هنگورجو شهزاد ملاح اجي ڪمار مقبول ڪيهو ادريس ڪٽي تاج محمد ڪيهو کي پنهنجي هٿن سان مٺائي کارائي وئي ان موقعي تي پريس ڪلب غلام الله جي صدر دولترام ڪوهستاني چيو ته روشنين جو تهوار هجي يا خوشين جو محرم هجي اتي دوستن کي ياد ڪرڻ گهرجي هن اهو پيغام ڏنو ته امن پائيچاري کي

قائم رکيو وڃي هڪٻئي سان نفرتون ختم ڪيون وڃن اڄ خوشي جي موقعي تي نفرتن کي ختم ڪجي پاڻ ۾ پائيچاري رکي وڃي

بقايا سنڌيار 31

غريب آباد واري رهائش گاهه تي رچايو ويو آهي جتي پ پ پ اڳواڻن، ڪارڪنن سميت شهرين ۽ سولنگي برادري جي ماڻهن پاران سندس پرسين سان عذرخواهي جو سلسلو جاري رکيو آهي.

بقايا سنڌيار 32

ويو. ان موقعي تي ڊپٽي ڊي اي او مير قادر بخش ٽالپر، ڊپٽي ڊي اي او علي حسن نهڙيو ۽ ٻين ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته اهي ڪتاب گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول تعلقي شهيد فاضل راهو جي اسڪول جا آهن جيڪي ان اسڪول جي هيڊ ماستر فرمان شاهه جي ٻني جي چنڊڻ مان مليا آهن ان موقعي تي منظور علي سومرو ريجنل ڊائريڪٽر بدين صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ سيني کان موقف ورتا ان سموري معاملي تي ڊي او ايجوڪيشن جي جاري ٿيل رپورٽ تي پڻ عدم اعتماد جو اظهار ڪيو سرزمين ڏسڻ کان پوءِ ريجنل ڊائريڪٽر بدين صوبائي محتسب اعليٰ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول شهيد فاضل راهو جو پڻ دورو ڪيو اتي موجود ٽي اي او نياز ميمڻ، هيڊ ماستر فرمان شاهه ۽ گودام جي انچارج مخدوم سبحان کان لکت ۾ بيان ورتا ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته سموري معاملي جي گهرائي سان تحقيقات ڪئي پئي وڃي ملوث

بقايا سنڌيار 33

وئي آهي جڏهن ته سندس والد ۽ ٻين رشتيدارن پاران ٻالڪ جي ڳولا ڪئي پئي وڃي هوڏانهن پراسرار طور تي گم ٿيل رمضان ڏاوچ جي والد پوليس اهلڪار قربان ڏاوچ دادو ضلع انتظاميه سميت مختلف ادارن جي سربراهن کي اپيل ڪئي آهي ته سندس پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 34

او آفيس ڪونڌيجي ۾ اسڪول جي عمارت لاءِ درخواست ڪري چڪا آهيون پر ڪوبه تعليمي آفيسر ۽ سياسي سماجي اڳواڻ نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار نه آهي. جڏهن ته گورنمينٽ اسڪولن جي تعميرات لاءِ اربين روپين جي بجيٽ رکي ٿي پر پوءِ به سالن کان مها ٻوڏ سبب تباهه ٿيل بلڊنگون تعمير نه ٿي سگهيون آهن. جڏهن ته اسڪول ۾ مقرر استاد معلومات ڏيندي ٻڌايو ته مان هن اسڪول ۾ هڪ ئي استاد آهيان اسڪول کي بلڊنگ جي سخت ضرورت آهي. بلڊنگ، فرنيچر ۽ استادن جي کوٽ سبب مجبورن ڳوٺن جا ڪافي شاگرد علائقي جي ٻين اسڪولن ڏانهن تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن هينئر به اسڪول جي شاگردن جي انرولمينٽ تقريبن 100 شاگردن کان وڌيڪ آهي جنهن ڪري تمام گهڻي مشڪلات کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. اسان نگران حڪومت ،ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سميت اعلي انتظاميه کان گهر ٿا ڪريون ته اسان جا جائز مسئلا حل ڪري اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ته جيئن گلن جهڙا ٻارڙا تعليم جهڙو زيور حاصل ڪري ملڪ توڙي قومي معاملات ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن

بقايا سنڌيار 35

پهريان جيئن چونڊون ٿينديون آيون آهن اهڙي نموني جيڪڏهن ايندڙ چونڊون به ٿيون ته ملڪ جي عوام کي سخت نتيجا ڀوڳڻا پوندا. نگران وڏي وزير مان اسان مطمئن ناهيون ان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪيس وڏ وزارت رڳو پيپلز پارٽي نه ڏني آهي بلڪ هو مخالف جماعت جي اڳواڻن جي مشاورت بعد نگران وڏو وزير بڻايو ويو آهي. سنڌ ۾ جيڪا حڪومت هئي اها پڻ سليڪٽڊ هئي ايندڙ عام چونڊون به شفاف نموني ٿيندي نظر نه ٿيون اچن اهڙي صورتحال ۾ شفاف چونڊن جي اميد ناهي اسان کي نگران حڪومتن تي پهرئين ڏينهن کان اعتراض آهي. ان موقعي تي (جي ڊي اي)جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري صفدر عباسي اعلان ڪندي خالد شيخ کي جي ڊي اي ضلعي خيرپور جو ڪنوينر ۽ سيد اسماعيل شاهه راشدي کي فنڪشنل مسلم ليگ ضلعي خيرپور جو صدر مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو پريس ڪانفرنس ڪندي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته نگران حڪومت ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن جي پائٽن، پائيجن، چاچن، ماسن ۽ ٻين مائٽن کي وزارتون ڏنيون ويون آهن اهي ڪيئن شفاف چونڊون ڪرائيندا جيڪڏهن هن ڀيري به شفاف چونڊون نه ٿيون ته پاڪستان کي اهڙو نقصان ٿيندو جنهن جو پورائو ڪڏهن نه ٿيندو. اسان ايٽمي طاقت آهيون پر ان جي باوجود مودي ڪجهه وقت اڳ چيو هو ته پاڪستان پاڻ کي پاڻ نقصان پهچايو آهي .شايد مودي صحيح چيو هو ڇاڪاڻ ته هتان جا حڪمران ملڪ جي مفاد لاءِ نه پر پنهنجي فائدن لاءِ سياست ڪن ٿا. هن چيو ته هڪ ئي جماعت گذريل 15 سالن کان سنڌ تي قابض بڻيل آهي پر هاڻي اسان خاموش نه ويهنداسين سنڌ اندر لٽ مار ڪندڙن سان مقابلو ڪنداسين ورلڊ بئنڪ سميت دنيا جي ٻين ادارن کان ڪڏهن ٻوڏ، ڪڏهن گهر ٺهرائڻ سميت ٻين طريقن سان قرض وٺي خوشحال سنڌ کي قرضي بڻايو ويو ۽ معاشي طور تباهه ڪيو ويو آهي جيڪڏهن 15 سالن کان قابض رهيل سسٽم کي ختم نه ڪيو ته سنڌ وڌيڪ معاشي تباهي جو شڪار ٿيندي .سنڌ حڪومت صحت جون سهولتون ڏيڻ جون وڏيون دعوائون ڪري رهي آهي گمس اسپتال، ايس آءِ يوٽي ۽ اين آءِ سي وي ڊي جهڙا وڏا ادارا ته قائم ڪيا ويا آهن پر عوام کي اسپتالن ۾ بنيادي صحت جون سهولتون به نه ٿيون ملن .ننڍن تعلقن جي رورل هيلٿ سينٽرن تي دوائون اٿلپ بڻيل آهن. هنن چيو ته جي ڊي اي اتحاد پير صاحب پاڳاري جي سربراهي ۾ هلي رهيو آهي جنهن ۾ 5 جماعتون شامل آهن ايندڙ وقت ۾ ملڪ جون ٻيون جماعتون به جي ڊي اي ۾ شامل ٿينديون. جي ڊي اي پهريون اتحاد آهي جيڪو ايترو وقت هليو آهي نه ته اتحاد ٽهندا آهن جيڪي ٿوري عرصي ۾ ختم ٿي ويندا آهن سنڌ ۾ هميشه ڪمپرومائيز واري چونڊ ٿيندي رهي آهي هي عمران خان کي سليڪٽڊ جي ٽالي سان سڏيندا آهن پر هي پاڻ سليڪٽڊ آهن عوام ايندڙ چونڊن ۾ سوچي سمجهي ووٽ ڏيندي .اسان سموري سنڌ اندر جي ڊي اي جون رابطا ڪاميٽيون جوڙيون آهن جن جا اجلاس منعقد ڪري رهيا آهيون اهي اجلاس بعد ۾ جلسن ۾ تبديل ٿيندا. اسان جا اميدوار ۽ ڪارڪن ڪنهن جي دٻاءُ ۾ نه ايندا .اسان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون سنڌ ۾ تبديلي جي سخت ضرورت آهي. ڪرپٽ نظام سنڌ جي ترقي ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي .هن چيو ته اسان جي گذريل حڪومت دوران اسيمبلي ۾ گهٽ ميمبر هئڻ باوجود اسيمبليءَ ۾ آواز اٿاريو ۽ سنڌ سميت پوري ملڪ جي عوام جي ڀلائي واري ڳالهه ڪئي. هنن رڳو عوام دشمن پاليسين تحت ڪم ڪيو اسان قومپرست اڳواڻن کي به دعوت ڏينداسين ته هو سياست ۾ حصو وٺن .فنڪشنل مسلم ليگ روحاني سياسي جماعت آهي جنهن تي فخر آهي. ان موقعي تي اڳوڻو ايم پي اي ڊاڪٽر رفيق ڀانڀڻ، ڊاڪٽر پيارو خان قلبوٽو، حاجي امام بخش قلبوٽو، غلام سرور راڄڙ،صابر حسين مهيسر، عرفان سرور راڄڙ سميت جي ڊي اي جا ٻيا اڳواڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 36

جي باوجود به سول اسپتال جو قبلو درست ناهي ٿيو سول اسپتال جتي پنجاب، بلوچستان ۽ اندرون سنڌ سان مريضن جو وڏو انگ علاج معالجي جي لاءِ ايندو آهي. پر سهولتن جي کوٽ جي ڪري انهن جو علاج ٿيڻ جي بجاءِ انهن جي بيماري ۾ اضافو ٿي ويندو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ايس ڊي اي جي اڳواڻن مولانا عبيدالله ڀٽو، غلام مصطفي قلبوٽو، علامه نور احمد قاسمي، آغا طاهر مغل، عيدن جاگيراڻي، شاهه محمد انيهڙ، محمد رضوان قادري، شهزادو ڀٽو، شڪيل قريشي، بابو مهر، آغا محمد اڪرم دراني، حافظ محمد شريف ڏاڏا، محمد منير ميمڻ، عبدالباري انصاري، ڊاڪٽر سعيد اعوان، امداد جهنڊير، انيس خان، ڏاڏو ابڙو، فقير رمضان ڪورائي، سيد ڪاشف شاهه، سليم جاگيراڻي ۽ ٻين سان ڳالهه ٻولهه جي دوران ڪيو. حاجي محمد جاويد ميمڻ جو وڌيڪ چوڻ هو ته سول اسپتال ۾ ٽيسٽ جو تمام مشينون الٽرا سائونڊ، ايم آر ۽ ٻيون خراب پيون آهن. جيتري تائين ليبارٽري ٽيسٽ جي لاءِ به مريض پرائيوٽ ليبارٽرين مان پنهنجي ٽيسٽ ڪرائي رهيا آهن. دوائون دستياب ناهن. ۽ ڊاڪٽر دوائن جا وڏا وڏا پرچا مريضن کي ڏين ٿا جيڪي ٻاهران جي اسٽورن کان خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. ڪيترن ئي شعبن جا اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن جي کوٽ آهي. جيڪي اسپيشلسٽ ڊاڪٽر موجود به آهن ته اهي سول اسپتال ۾ ٽائم گهٽ ڏين ٿا ۽ پنهنجي پرائيوٽ ميڊيڪل سينٽرن تي مڪمل ٽائيم ڏيئي مريضن جي کل به لاٿي ڇڏين ٿا. مهانگائي جي هن طوفان جي اندر جتي غريب ۽ متوسط طبقو ٻن وقتن جي ماني حاصل ڪرڻ جي لاءِ به دربدر آهي اتي هو پنهنجو علاج معالجو ڪٿان ڪرائي سگهي ٿو. جنهن جي لاءِ هڪ ئي روشني جي اميد سول اسپتال آهي پر اتي انهن جو علاج ٿيڻ جي بجاءِ انهن کي ڌڪا ڏيئي ڪڍيو ويندو آهي اهيو تمام وڏو الميو آهي ته اسان جا حڪمران فري تعليم ، فري صحت جا نعرا ته تمام گهڻا هڻندا آهن پر عملي ڪم زيرو آهي. سکر جا ڪرتا ڌرتا رڳو ووٽ جي لاءِ عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام رهيا آهن. سکر شهر جا سڀئي ڪاتا رڳو بااثر ماڻهن کي سهولتون ڏيئي رهيا آهن پر عام ماڻهو پريشانين جو شڪار آهي. جيڪڏهن سول اسپتال جو قبلو درست نه ڪيو ويو ته سکر ڊيولپمينٽ الائنس ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلائيندي.

بقايا سنڌيار 37

يونينز جي اڳواڻن. ليبر اسٽاف يونين جي علي مردان شيخ، عبدالرشيد شاهه، ضلعي ڪائونسل ايمپلائيز يونين جي مجيد جسڪاڻي، ريوائي يونين جي نعمت الله قاضي، واپڊا يونين جو دادا ديدار حسين، ايريگيشن يونين جو خادم حسين ڪوسو، سوئي گيس يونين جو خادم حسين شيخ، روينيو ڊپارٽمينٽ يونين جو امير علي شيخ، اپڪا يونين جو طاهر مغل، پيرا ميڊيڪل، ايجوڪيشن يونين جي محمد پنهور مهر ۽ ٻين ٽريڊ يونين اڳواڻن شرڪت ڪئي. جنهن ۾ ملڪي صورتحال، وڌندڙ مهانگائي، مزدورن سان ناانصافين، حڪومت ۽ آفيسرن جي عوام دشمن فيصلن سميت ٻين تنظيمي معاملن تي تفصيلي ۽ اهم خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته هن وقت ملڪ ۾ سرڪاري ملازمن سان زيادتي ٿي رهي آهي. وفاقي ادارا هجن يا صوبائي ادارا. سمورن ڪاتن ۾ پورهيتن سان ظلم ۽ زيادتي ۾ اضافو ٿي ويو آهي. مزدورن سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف سيني کي گڏجي وڙهڻو پوندو ۽ اسان سڀ گڏجي انهن مزدور دشمن فيصلن خلاف وڙهنداسين. سنڌ ۾ بدامني، بيروزگاري، مهانگائي سميت پورهيتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۽ ظلمن خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويندو ملڪ متحده ۽ منظم انداز ۾ ۽ ملڪ جي ادارن ۾ آفيسرن پاران ڪيل ڪرپشن جي خلاف به ڀرپور جدوجهد ڪندا ته جيئن ملڪ جا ادارا ترقيءَ طرف گامزن ٿي سگهن. ادارا مضبوط ٿين ته پوءِ ملڪ جي ترقي مزدورن کي پنهنجا حق ملندا. شرڪت ڪندڙن پاڪستان مزدور اتحاد جي پليٽ فارم تان اجلاس ۾ ڪيل فيصلن ۽ پنهنجن مزدور پائرن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ڪيو.

بقايا سنڌيار 38

پهريان جيئن چونڊون ٿينديون آيون آهن اهڙي نموني جيڪڏهن ايندڙ چونڊون به ٿيون ته ملڪ جي عوام کي سخت نتيجا ڀوڳڻا پوندا. نگران وڏي وزير مان اسان مطمئن ناهيون ان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪيس وڏ وزارت رڳو پيپلز پارٽي نه ڏني آهي بلڪ هو مخالف جماعت جي اڳواڻن جي مشاورت بعد نگران وڏو وزير بڻايو ويو آهي. سنڌ ۾ جيڪا حڪومت هئي اها پڻ سليڪٽڊ هئي ايندڙ عام چونڊون به شفاف نموني ٿيندي نظر نه ٿيون اچن اهڙي صورتحال ۾ شفاف چونڊن جي اميد ناهي اسان کي نگران حڪومتن تي پهرئين ڏينهن کان اعتراض آهي. ان موقعي تي (جي ڊي اي)جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري صفدر عباسي اعلان ڪندي خالد شيخ کي جي ڊي اي ضلعي خيرپور جو ڪنوينر ۽ سيد اسماعيل شاهه راشدي کي فنڪشنل مسلم ليگ ضلعي خيرپور جو صدر مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو پريس ڪانفرنس ڪندي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته نگران حڪومت ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن جي پائٽن، پائيجن، چاچن، ماسن ۽ ٻين مائٽن کي وزارتون ڏنيون ويون آهن اهي ڪيئن شفاف چونڊون ڪرائيندا جيڪڏهن هن ڀيري به شفاف چونڊون نه ٿيون ته پاڪستان کي اهڙو نقصان ٿيندو جنهن جو پورائو ڪڏهن نه ٿيندو. اسان ايٽمي طاقت آهيون پر ان جي باوجود مودي ڪجهه وقت اڳ چيو هو ته پاڪستان پاڻ کي پاڻ نقصان پهچايو آهي .شايد مودي صحيح چيو هو ڇاڪاڻ ته هتان جا حڪمران ملڪ جي مفاد لاءِ نه پر پنهنجي فائدن لاءِ سياست ڪن ٿا. هن چيو ته هڪ ئي جماعت گذريل 15 سالن کان سنڌ تي قابض بڻيل آهي پر هاڻي اسان خاموش نه ويهنداسين سنڌ اندر لٽ مار ڪندڙن سان مقابلو ڪنداسين ورلڊ بئنڪ سميت دنيا جي ٻين ادارن کان ڪڏهن ٻوڏ، ڪڏهن گهر ٺهرائڻ سميت ٻين طريقن سان قرض وٺي خوشحال سنڌ کي قرضي بڻايو ويو ۽ معاشي طور تباهه ڪيو ويو آهي جيڪڏهن 15 سالن کان قابض رهيل سسٽم کي ختم نه ڪيو ته سنڌ وڌيڪ معاشي تباهي جو شڪار ٿيندي .سنڌ حڪومت صحت جون سهولتون ڏيڻ جون وڏيون دعوائون ڪري رهي آهي گمس اسپتال، ايس آءِ يوٽي ۽ اين آءِ سي وي ڊي جهڙا وڏا ادارا ته قائم ڪيا ويا آهن پر عوام کي اسپتالن ۾ بنيادي صحت جون سهولتون به نه ٿيون ملن .ننڍن تعلقن جي رورل هيلٿ سينٽرن تي دوائون اٿلپ بڻيل آهن. هنن چيو ته جي ڊي اي اتحاد پير صاحب پاڳاري جي سربراهي ۾ هلي رهيو آهي جنهن ۾ 5 جماعتون شامل آهن ايندڙ وقت ۾ ملڪ جون ٻيون جماعتون به جي ڊي اي ۾ شامل ٿينديون. جي ڊي اي پهريون اتحاد آهي جيڪو ايترو وقت هليو آهي نه ته اتحاد ٽهندا آهن جيڪي ٿوري عرصي ۾ ختم ٿي ويندا آهن سنڌ ۾ هميشه ڪمپرومائيز واري چونڊ ٿيندي رهي آهي هي عمران خان کي سليڪٽڊ جي ٽالي سان سڏيندا آهن پر هي پاڻ سليڪٽڊ آهن عوام ايندڙ چونڊن ۾ سوچي سمجهي ووٽ ڏيندي .اسان سموري سنڌ اندر جي ڊي اي جون رابطا ڪاميٽيون جوڙيون آهن جن جا اجلاس منعقد ڪري رهيا آهيون اهي اجلاس بعد ۾ جلسن ۾ تبديل ٿيندا. اسان جا اميدوار ۽ ڪارڪن ڪنهن جي دٻاءُ ۾ نه ايندا .اسان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون سنڌ ۾ تبديلي جي سخت ضرورت آهي. ڪرپٽ نظام سنڌ جي ترقي ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي .هن چيو ته اسان جي گذريل حڪومت دوران اسيمبلي ۾ گهٽ ميمبر هئڻ باوجود اسيمبليءَ ۾ آواز اٿاريو ۽ سنڌ سميت پوري ملڪ جي عوام جي ڀلائي واري ڳالهه ڪئي. هنن رڳو عوام دشمن پاليسين تحت ڪم ڪيو اسان قومپرست اڳواڻن کي به دعوت ڏينداسين ته هو سياست ۾ حصو وٺن .فنڪشنل مسلم ليگ روحاني سياسي جماعت آهي جنهن تي فخر آهي. ان موقعي تي اڳوڻو ايم پي اي ڊاڪٽر رفيق ڀانڀڻ، ڊاڪٽر پيارو خان قلبوٽو، حاجي امام بخش قلبوٽو، غلام سرور راڄڙ،صابر حسين مهيسر، عرفان سرور راڄڙ سميت جي ڊي اي جا ٻيا اڳواڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 39

ڪري پيرسن عورت جهيڙي ۾ تشدد ۽ صدمي ۾ فوت ٿي آهي ذميوارن خلاف ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪيو وڃي مطالبو خبر موجب نڪرانو جي مهتر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ فصل ۾ پاڻي ڇوڙ ڪرڻ واري معاملي تان ٿيل جهيڙي ۾ مبينا تشدد ۽ صدمي ۾ پيرسن عورت هوران مهتر فوت ٿي وئي جنهن سبب وارثن لاش رکي مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو هڻي مبارڪپور ٿاڻي جي ايس ايڇ او خلاف نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙن امام علي مهتر محمد زمان الطاف قربان ۽ ٻين ڏانهيندي الزام لڳايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ سارين جي فصل ۾ پاڻي ڇوڙ واري معاملي تان شروع ٿيل چڪتاڻ سبب جهيڙا ٿيا هئا جنهن ۾ جوابدارن لياقت علي الهداد جميل ۽ ٻين جي تشدد ۾ پيرسن عورت زخمي ٿي پئي هئي جهيڙي ۾ ٻنهي ڌرين جا مرد توڙي عورتون زخمي ٿي پيا هئا جنهن سبب پيرسن عورت تشدد ۽ صدمي ۾ فوت ٿي آهي احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري انصاف ڏنو وڃي ٻي پاسي الزام هيٺ آيل ڌرجي لياقت مهتر رابطي تي ٻڌايو آهي ته فوت ٿيل عورت بيمار هئي جنهن تي اسان ڪوبه تشدد ناهي ڪيو الزام بي بنياد آهن هوڏانهن ايس ايڇ او مبارڪپور رابطي تي ٻڌايو آهي زخمي عورتن ۽ مردن کي ليٽر ڏنو هو فوتي عورت تي تشدد ناهي ٿيل جيئن ئي ميڊيڪل آيو جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 40

پهريان جيئن چونڊون ٿينديون آيون آهن اهڙي نموني جيڪڏهن ايندڙ چونڊون به ٿيون ته ملڪ جي عوام کي سخت نتيجا ڀوڳڻا پوندا. نگران وڏي وزير مان اسان مطمئن ناهيون ان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪيس وڏ وزارت رڳو پيپلز پارٽي نه ڏني آهي بلڪ هو مخالف جماعت جي اڳواڻن جي مشاورت بعد نگران وڏو وزير بڻايو ويو آهي. سنڌ ۾ جيڪا حڪومت هئي اها پڻ سليڪٽڊ هئي ايندڙ عام چونڊون به شفاف نموني ٿيندي نظر نه ٿيون اچن. اهڙي صورتحال ۾ شفاف چونڊن جي اميد ناهي اسان کي نگران حڪومتن تي پهرئين ڏينهن کان اعتراض آهي. ان موقعي تي (جي ڊي اي)جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري صفدر عباسي اعلان ڪندي خالد شيخ کي جي ڊي اي ضلعي خيرپور جو ڪنوينر ۽ سيد اسماعيل شاهه راشدي کي فنڪشنل مسلم ليگ ضلعي خيرپور جو صدر مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو پريس ڪانفرنس ڪندي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته نگران حڪومت ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن جي پائٽن، پائيجن، چاچن، ماسن ۽ ٻين مائٽن کي وزارتون ڏنيون ويون آهن اهي ڪيئن شفاف چونڊون ڪرائيندا جيڪڏهن هن ڀيري به شفاف چونڊون نه ٿيون ته پاڪستان کي اهڙو نقصان ٿيندو جنهن جو پورائو ڪڏهن نه ٿيندو. اسان ايٽمي طاقت آهيون پر ان جي باوجود مودي ڪجهه وقت اڳ چيو هو ته پاڪستان پاڻ کي پاڻ نقصان پهچايو آهي .شايد مودي صحيح چيو هو ڇاڪاڻ ته هتان جا حڪمران ملڪ جي مفاد لاءِ نه پر پنهنجي فائدن لاءِ سياست ڪن ٿا. هن چيو ته هڪ ئي جماعت گذريل 15 سالن کان سنڌ تي قابض بڻيل آهي پر هاڻي اسان خاموش نه ويهنداسين سنڌ اندر لٽ مار ڪندڙن سان مقابلو ڪنداسين ورلڊ بئنڪ سميت دنيا جي ٻين ادارن کان ڪڏهن ٻوڏ، ڪڏهن گهر ٺهرائڻ سميت ٻين طريقن سان قرض وٺي خوشحال سنڌ کي قرضي بڻايو ويو ۽ معاشي طور تباهه ڪيو ويو آهي جيڪڏهن 15 سالن کان قابض رهيل سسٽم کي ختم نه ڪيو ته سنڌ وڌيڪ معاشي تباهي جو شڪار ٿيندي .سنڌ حڪومت صحت جون سهولتون ڏيڻ جون وڏيون دعوائون ڪري رهي آهي گمس اسپتال، ايس آءِ يوٽي ۽ اين آءِ سي وي ڊي جهڙا وڏا ادارا ته قائم ڪيا ويا آهن پر عوام کي اسپتالن ۾ بنيادي صحت جون سهولتون به نه ٿيون ملن .ننڍن تعلقن جي رورل هيلٿ سينٽرن تي دوائون اٿلپ بڻيل آهن. هنن چيو ته جي ڊي اي اتحاد پير صاحب پاڳاري جي سربراهي ۾ هلي رهيو آهي جنهن ۾ 5 جماعتون شامل آهن ايندڙ وقت ۾ ملڪ جون ٻيون جماعتون به جي ڊي اي ۾ شامل ٿينديون. جي ڊي اي پهريون اتحاد آهي جيڪو ايترو وقت هليو آهي نه ته اتحاد ٽهندا آهن جيڪي ٿوري عرصي ۾ ختم ٿي ويندا آهن سنڌ ۾ هميشه ڪمپرومائيز واري چونڊ ٿيندي رهي آهي هي عمران خان کي سليڪٽڊ جي ٽالي سان سڏيندا آهن پر هي پاڻ سليڪٽڊ آهن عوام ايندڙ چونڊن ۾ سوچي سمجهي ووٽ ڏيندي .اسان سموري سنڌ اندر جي ڊي اي جون رابطا ڪاميٽيون جوڙيون آهن جن جا اجلاس منعقد ڪري رهيا آهيون اهي اجلاس بعد ۾ جلسن ۾ تبديل ٿيندا. اسان جا اميدوار ۽ ڪارڪن ڪنهن جي دٻاءُ ۾ نه ايندا .اسان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون سنڌ ۾ تبديلي جي سخت ضرورت آهي. ڪرپٽ نظام سنڌ جي ترقي ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي .هن چيو ته اسان جي گذريل حڪومت دوران اسيمبلي ۾ گهٽ ميمبر هئڻ باوجود اسيمبليءَ ۾ آواز اٿاريو ۽ سنڌ سميت پوري ملڪ جي عوام جي ڀلائي واري ڳالهه ڪئي. هنن رڳو عوام دشمن پاليسين تحت ڪم ڪيو اسان قومپرست اڳواڻن کي به دعوت ڏينداسين ته هو سياست ۾ حصو وٺن .فنڪشنل مسلم ليگ روحاني سياسي جماعت آهي جنهن تي فخر آهي. ان موقعي تي اڳوڻو ايم پي اي ڊاڪٽر رفيق ڀانڀڻ، ڊاڪٽر پيارو خان قلبوٽو، حاجي امام بخش قلبوٽو، غلام سرور راڄڙ،صابر حسين مهيسر، عرفان سرور راڄڙ سميت جي ڊي اي جا ٻيا اڳواڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 41

۾ شرڪت ڪئي احتجاج ۾ ميونسپل نوشهروفيروز، ٽائون ڪاميٽي ملياڻي، ٽائون ڪاميٽي پريا، ٽائون ڪاميٽي پريا روڊ، ٽائون ڪاميٽي پڊعيدن، ٽائون ڪاميٽي دريان خان مري، ڪنڊيارو جي يونين اڳواڻن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي. احتجاج جي اڳواڻي ڪشن راجا، نويد ٽگڙ، مولابخش شيخ، منظور ملڪ، عمران راڄپر، قمر منگي، ممتاز ڪيريو، عدنان ميمڻ، راجه ڪيريو، ستار منگي، محبوب شيخ ۽ ٻين ڪئي ۽ احتجاج جاري رکيو. ان موقعي سياسي سماجي سوشل ورڪرز ۽ مختلف ڪاتن جي يونين اڳواڻن جن ۾ فود ايمپلائيز يونين جي اڳواڻ يونس راڄپر، پورهيت اڳواڻ مسرور چانڊيو، شهري ايڪشن ڪاميٽي نوشهروفيروز جي اڳواڻ ماهنور شيخ، رياض مهر، اسڪارپ ايريگيشن يونين اڳواڻ امجد جامي ٽگڙ، شاهنواز عمراڻي ڪائونسلر ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز سيني سياسي سماجي اڳواڻن سومر جي ڏينهن ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻبو ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جي ملازمن جون ٽن مهينن کان پگهارون پينشن نه ملي سگهيون آهن ملازم فاڪا ڪشي گذارڻ تي مجبور مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري راجا ڪشن لعل، جنرل سيڪريٽري نويد احمد ٽگڙ، ضلعي صدر مولا بخش شيخ، ضلع اڳواڻ محبوب شيخ، غلام نبي شيخ، ضلع اڳواڻ منظور ملڪ، عمران راڄپر، غلام علي، سني لعل، احتجاج ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز کان پريس ڪلب تائين ريڪاڊ ڪرايو ۽ انتظاميه کان اپيل ڪئي آهي ته ملازمن جون جلد کان جلد پگهارون ڪيون وڃن. ملازمن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي، آخر ۾ ملازمن پاران پگهارون ملڻ تائين ڪم ڇڏ هڙتال جو اعلان ڪيو

بقايا سنڌيار 42

تي سندس وارثن جو چوڻ هو ته نوجوان ڪوٽڙي کان روهڙي ويندڙ موئن جو دڙو مسافر ريل گاڏي ۾ سوار هو جيڪو قلجي اسٽيشن تي ريل گاڏي بيهڻ وقت لٿو ۽ وري ريل گاڏي ۾ چڙهندي سندس پير ترڪي ويو ۽ هو ريل گاڏي هيٺان اچي ويو جنهن کي قلجي اسٽيشن جي سماجي ڪارڪنن ۽ شهرين جي مدد سان سندس ڳوٺ روانو ڪيو ويو جيڪو سيتارو جو رهواسي ٻڌايو وڃي پيو

PRESS
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com